




# دائـــــــرا

(شاعري)

قاضي مقصود احمد

سوجهرو پبليڪيشن مٺياري

ڪتاب نمبر _7

ڪتاب جا حق ۽ واسطہ مصنف وٽ محفوظ

ڊجيٽل ايڊيشن:

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com

كتاب جو نالو : **دائـــرا**

موضوع : شاعري

تخليقڪار : قاضي مقصود احمد

ڇاپو : پهريون

سال : آڪٽوبر 2015ع

ڇپائيندڙ : سوجهرو پبليڪيشن مٽياري،
ڪتاب نمبر -7

تعداد : 500

قيمت : 200

Name of Book: DAIRA (Poetry)
Poet: Qazi Maqsood Ahmed
Published by Sojhro Publication Matiari
Book No.07, Year 2015
Price: 200/_




## ارپنا

سنڌ ۾ آفاقي شاعريءَ جي خلقڻهار
**لطيف سائينءَ**
جي سدا حيات شاعريءَ جي نانءُ.

جديد سنڌي شاعريءَ جي وڏي قد واري شخصيت
**استاد بخاريءَ**
جي نانءُ.

www.sindhsalamat.com

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر (296) اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. ڪتاب **”دائرا“** منياريءَ سان تعلق رکندڙ خوبصورت شاعر ۽ محقق قاضي مقصود احمد جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

قاضي مقصود احمد جو نالو سنڌ جي ادبي لڏي لاءِ نئون ڪونهي. پاڻ شاعر ته آهي، پر ان سان گڏ سنڌس بيو وڏو ڪم سنڌ جي تاريخ ۽ نسلن جي حوالي سان ڪيل تحقيق تي مشتمل آهي، جنهن ۾ پاڻ نه رڳو تاريخ کي نئين انداز ۾ سمجهڻ جو ڏس ڏئي ٿو، بلڪ پراڻين روايتن مان نوان نتيجا ڪڍي اصل حقيقتن کي نروار ڪندي به نظر اچي ٿو.

هي ڪتاب **سوجهرو پبليڪيشن منياري** پاران 2015ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري قاضي مقصود جا جنهن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿين وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاح ۽ رهنمائيءَ جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

دائــــــــرا ( )

## مواد جي ترتيب

مصنف بابت 9
پنهنجي پاران 11

**غزل**

1. دائـرا، دائـرن جـي انـدر دائـرا 19
2. اڪ جو ڪنبو، نڪ جو ڪوڪو ٿي سگهندو ڇا؟ 20
3. رات نـنـدي، بـات وڏي، پـهـر ڪٿـن پـيـا 22
4. ساعتون ياد رهنديون سدائين 23
5. دم عـشـق جـي سرشاري، دم عقل جي دلداري 24
6. قرب جو نالو غزل، پيڙاءِ جو نالو غزل. 25
7. اُتر اڏيـڪـار ڏئي، سونهن! ڪـٿـي هـل سـنـگ 26
8. حقيقتن جي ڪـڏ لـڳل، سراب ڪـشـمـڪش ۾ هو 27
9. انداز مـنـجـهـان منهنجو اظهار نه ٿي سمجهين! 28
10. ڊنل هرڻيءَ جي اکين جي سدائين سار ۾ ورتل 29
11. ڪير نـدين جـون سـپ ڏارائون. 30
12. جي رڳون ڏکنديون ڪولهڻ مسئلو! 31
13. قربت، قـربـت هـونـدي آهـي 32
14. اس جو تڙڪو، باهه جو پڙڪو، ساڳي ڳالهه نه ڇئبي 33
15. پيار جي تانگهه من ۾ گهٽي ڪانهي 34
16. تشبيهون، استعارا، ڇڻ تنهنجي در جا باندي 35
17. دل کي درياءَ ڪـر ته فـيـض ملي 36
18. اسان جا سينا پريم جا گهر، دوار کولي 37
19. احساس جي گهيري ۾، انڪار جي ڇا معنيٰ؟ 38
20. ضرب، تـقـسـيـم، گهٽ وڌائي ڪر 39
21. نينهن جي ڪانَ تي ڇڏيل آهي 40
22. ڪـو مـڪـافـات جـو عمل گـهـرجي 41
23. نـسـلـن تـائـيـن رَتُ ولـوڙڻ ڪـان بـهـتـر 42
24. ها ها، تـنـهـنجي وجود ۾ ڪـجـهـ روشنيون هيون 43
25. لفظن کي مدّعا جي مان قابل نه تو ڏسان 44
26. سانوڻ رت جون مست ڦهارون تنهنجي نانءُ. 45
27. انڌين جي اڳيان اجالو ڏبو 46
28. حسن جي هـر ڪـا ادا وه وا وا! 47
29. زندگيءَ جون سرحدون ماپي نه ڇڏ. 48

30. ڌرتي ٻہ ٽڪر ٿيندي، آڪاس هليو ويندو 49
31. سر سان سر کي ملائي سگھين ٿي تہ اچ 51
32. اتهاس جا هڪ هڪ ڪري سڀ ورق ورڻ ڏي 52
33. ساجهر جو، سويري ۾، پڻ رقص ضروري آ 53
34. اڪيون سدائين رهنديون تو لئہ وِڇاڻ بڻجي. 54
35. ڪنهن تان واري جيءُ چوان ٿو 55
36. ڪرڻ رشتن جي ناقدري ڪچا لئہ؟ 57
37. قرب جي ابتدا جي آٿر ڪر 58
38. انيڪ روپ ۾ ظاهر ٿو روشنائي ڪري 60
39. عجب چهرا، پلا خاڪا، لڪيرن سان ٿين ظاهر 61
40. سنڌ سڀي گهيريلَ، جاڳندين، ڇا ڪندين؟ 62
41. گونجي گونجي نيٺ فضا ۾ گم ٿيندو آواز 63
42. شرارت سان پريل دليلن کي رد ڪر 64
43. هو هليو ويو، پرئين پار کان ڪجهہ نہ گهر 65
44. جيون جي سچائي نہ پڇ، ڪؤڙي ۽ ڪساري آ 66
45. جيءُ جيالو تنهنجي حد تائين رهي. 67
46. درشن جي آسري تي، در در رُلي رهيو هان 68
47. ڪنهن جي جذبن کي لتاڙڻ جو گنهگار ٿجي 69
48. چنڊ جي ساک ڏئي پيار جو اظهار ڪندس 70
49. ڏنم ڪو چهرو چمڪندڙ، نماءَ اڳيرو ڪيو 71
50. چار اکيون ڪري وار ڪاري ڪجان 72
51. اڌورا لفظ شعرن جا، مڪمل ترجماني ڪن 73
52. اٽڪيو تہ روح چئبو، نڪتي تہ جان چئبي 74
53. ڪر پيار جو اظهار تہ مان تو ڏي اچان 75
54. خوابُ، بيدار اکين سان ڏسجي. 76
55. پهرئين ڪنهن اٽڪاءَ جي نانءُ 77
56. يار جا زلف هجن زنده باد. 78
57. دل جي تسڪين جي لئہ ميسر ٿيون حالتون واه جون. 79
58. مان پنهنجي اک جي نميءَ کي اگهي پيو ڳوليان. 80
59. هيءُ عشق ازل کان ويري آ، ٿو جيءُ جلي آزارن کان. 81
60. مون جو گلاب ارپيا. 82
61. خواب هن کي ڊيڄاريو، نيٺ ڇرڪجي جاڳيو. 83
62. ڪو لڙڪ لڙي آيل، اکين مان اگهڻ گهرجي. 84
63. پريم چل آ ۽ چل جي ڪايا پلٽ ٿئي ٿي. 85
64. سچ تي رخن جو پرڏو، ايڏو چڙهي وڃي ٿو. 86
65. وڏي پيو، هلي پيو، ڪو ئي لڏپلاڻي، 87
66. ذري مان ذرو ڪر، ڪٿائي تہ ڏس. 88
67. اسان جو سدائين کان خالي آ دامن. 89
68. گجريلي، گلزار لڳين ٿي، مان پوپٽ، تون رس رسيلي 90
69. هي سورج ۽ تارا، نکٽ ۽ پَٽون. 91
70. قليل جيون، ڪثير سوچون. 92
71. مست لهرن جيان واه تنهنجي اَڇَل. 93
72. ارتقا کان هٽيل منهنجو ابتو عمل. 94
73. لهرون ڇهنديون نيٺ ڪنارو، تن سان پير پائي وڃان 95
74. ڦرٽا نہ گهرٽا. 96
75. انگل آرا. 97
76. هر ڪنهن گهٽيءَ ۾ جي ڪٽي دارورسن ڪجي. 98
77. جُنگ جيئدارَ پڪاريو آ، وڃان ٿو اوڏي. 99
78. جبل کي ٽڪڻ جو منجهم حوصلو آ. 100
79. ننگي واس تان واءَ جو اوچڻ گهر ۾ اڏري آيو آ. 101
80. يا تہ سڪٽو ڪوئي گهڙو هوندو. 102
81. مخلصي، مفلسيءَ جي حالت ۾! 103
82. جيئڻ جيئڻ تو واسِي پئي، جوڀن جي خوشبوءِ. 104
83. مست رهندو اچان، صبح سُر، شام سُر. 105
84. ڪڏهن جواز ڪٿن ٿا؟ ڪڏهن جواب ڪٿن؟ 106
85. ڏات آهي مليل، پيو غزل واڻجي. 107
86. قربتن سان ڪڍيل دائري مان ڏڪي 108
87. ڊيڇوڙو ڏيرِي! عشق وڏو اسرار 109
88. امن جي امينن جو ڪڙڪاءُ گهٽ آ 110
89. جل ٿل سارا رستا ٿيا 111
90. سُرباٽن ۾ سُر سُر سُر سُر، ڳالهہ هلي پئي 112
91. بخت ٿو وڃائي وَٿَ 113
92. اوٿر جي اٿل آهي ڪو اِڳلو ئي ڪٽي اَڏِ 115
93. پنهنجي هٿ ۾ پٿر ڪڻ ۽ ڳالهيون غور سان ٻُڌَ. 116
94. ماڻهوءَ جي فطرت جو عيب لڪايل ڏس! 117
95. عشق ۾ شهسواريون رهنديون 118
96. جِت جوانيءَ جون بدن تي سنبتون جاڳيو پون 119
97. خيالن جا گس هِن، سوالن جي وس جا 121
98. سٽن وقتن جون ساريون يادگيريون ياد رکٽيون هن 122

www.sindhsalamat.com

99. اجري مک تي جوڻ جون چوٽون 123
100. سوجهرو، چهرو ڇپائيندو وتي! 124
101. زندگيءَ جي چاهنا بس چار گهڙيون چين جون 125
102. ڏول ڀري ٽي پاڻ مان، منهنجي ياد ڪدي! 126
103. پير تنهنجا پوئتي ٿيا، موٽيا تو ڪان نہ ٿيا 127
104. ڦِر ڦِر سونٿا، دبلي ڪانهي 128
105. ڪُن ۾ گهڙنديءَ، مانگر ايندئي 129
106. چنن، چنن، چنن، ڪنهن جي قربت سرور آ 130
107. چهرا شناس ماڻهن، مُک تي نگاهہ ڦيري 131
108. پلّ ملڻ جو هڪڙو هو، اوسيڙي جي عمر وڏي 132
109. ترديد ۾ تردّد! ياسيم ڪا ڳال آهي 133
110. اڪير دل ۾ ٿئي ٿي ۽ روح چڪبو آ 134
111. رهندو جيون دکي، درد جي چوندُ ڪر 135
112. چندُ ڪي جيئن آرسيءَ ۾ آڏجي 136
113. زندگيءَ ۾ ڪٿي رهنمائي رهي؟ 137
114. تو نہ پيتو مگر خمارَ اٿئي 139
115. ڪٿجي ويندي عمر، عمر جو خير 140

## متفرق صنفون

قطعا، بيت، وايون، نظم، گيت 141 کان 160

دائرا ( )

## مصنف جي باري ۾

قاضي مقصود احمد جو نالو سنڌ جي ادبي لڏي لاءِ نئون ڪونهي. پاڻ شاعر ته آهي، پر ان سان گڏ سندس ٻيو وڏو ڪم سنڌ جي تاريخ ۽ نسلن جي حوالي سان ڪيل تحقيق تي مشتمل آهي، جنهن ۾ پاڻ نه رڳو تاريخ کي نئين انداز ۾ سمجهڻ جو ڏس ڏئي ٿو، بلڪ پراڻين روايتن مان نوان نتيجا ڪڍي اصل حقيقتن کي نروار ڪندي به نظر اچي ٿو. سندس پهريون ڪتاب شعري مجموعو "مند نه آهي ماٺ جي" جي نالي سان 1997ع ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ 2004ع ۾ "مسلمان ٻارن جا نالا" جي نالي سان نالن جي معنائن سميت سندس هڪ ڪتاب منظر تي آيو. جنهن کان پوءِ ڪافي عرصي کان سهيڙيل مٽياريءَ جي تاريخ تي لکيل ضخيم ڪتاب "تاريخ مٽياري" جي نالي سان 2006ع ۾ شايع ٿيو. جنهن ۾ مٽياريءَ جي علمي ۽ تاريخي اهميت کي تمام سهڻي نموني سان پڌرو ڪيو ويو آهي. ان کان سواءِ سيرت تي لکيل مشهور ڪتاب "الرحيق المختوم" جو سنڌي ترجمو به ڪيائين، جيڪو 2008ع ۽ 2014ع ۾ ٻه ڀيرا ڇپجي چڪو آهي. سنڌ جي هڪ سورهيه ڏاتار لاکي قلاٽيءَ تي لکيل مضمونن کي سهيڙڻ جو ڪم پڻ سندس هٿان پايهءِ تڪميل تي پهچي چڪو آهي، جيڪو پڻ پنهنجي جڳهه تي سنڌ ۽ ڪڇ جي تاريخ جي حوالي سان اهم حيثيت رکي ٿو. اهو ڪتاب 2010ع ۾ ڇپيو. جڏهن ته گذريل سال2014ع ۾ صحيح بخاريءَ جو، محمد دائود راز جي لکيل شرح سميت، سنڌي ترجمو ڪيو اٿس، جيڪو اجا منظر تي نه آيو آهي. وڏي ڳالهه اها به آهي ته قاضي مقصود نه رڳو پنهنجيون لکڻيون منظر تي آنديون آهن، بلڪ پنهنجي اداري "علمي ادبي اشاعت گهر مٽياري" پاران مختلف دوستن جا ڪتاب پڻ شايع ڪرائي چڪو آهي. جن جي پٺيان صرف ۽ صرف مٽياريءَ جي ان علمي اوج کي نروار ڪرڻ جو جذبو ڪارفرما آهي، جنهن جو ذڪر



تاريخ جي ڪتابن ۾ نظر ايندو آهي. اهي سڀ ڪم سرانجام ڏيڻ دوران به سندس حساس فطرت ڪيس پنهنجي شاعراڻي ذات کي اظهارڻ تي مجبور ڪندي رهي آهي. ان جي نتيجي ۾ ئي اڄ سندس شاعريءَ جو هيءُ ٻيو مجموعو اسان جي اداري "سوجهرو پبليڪيشن مٽياري" پاران شايع ٿي پڌرو ٿي چڪو آهي. هن ڪتاب جي اشاعت بعد، مون کي اميد آهي ته سنڌ جي تاريخ ۽ نسلن تي ڪيل ڪم به جلد اڪلائي پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪندو. چو ته سنڌ کي هن وقت سنجيده تحقيق جي شديد ضرورت آهي.

تاريخ: 02 آڪٽوبر 2015ع

ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ
مٽياري

www.sindhsalamat.com

## پنهنجي پاران

اسانجي دور ۾ ڪافي ڏهاڪن کان جديد شاعريءَ جو اصطلاح هلندڙ آهي. ظاهري طور تي جديد شاعريءَ جو ضد "قديم شاعري" ٿيندو، جنهن جي مقابلي ۾ جديد شاعريءَ جنم ورتو هجي. پر ان جو ضد "روايتي شاعري" آهي. سنڌي ٻوليءَ جي شاعريءَ جي حوالي سان انهن اصطلاحن تي جيڪڏهن مختصر لفظن ۾ تبصرو ڪيو وڃي ته اسان چئي سگهون ٿا ته قاضي قاضن کان وٺي لطيف سرڪار تائين، سچل کان وٺي ساميءَ تائين اسان وٽ موجود قديم شاعري، سنڌ جي ڏاهپ جو اهڃاڻ آهي، جنهن تي اسان جيترو به فخر ڪري سگهون، گهٽ ٿيندو. اها سدا حيات شاعري آهي ۽ سدا حيات ئي رهندي. روايتي شاعري اها آهي، جنهن ۾ موضوعن ۽ لفظن جو ورجاءُ ايتري قدر ڪيل هجي جو شاعر جي پنهنجي ذات ان ۾ ڳولهڻ سان به نه لڀي. روايتي شاعريءَ تي مشتمل ڪتاب اول کان آخر تائين پڙهڻ وڏي دل گرڙدي جو ڪم آهي. ان جي مقابلي ۾ جديد شاعري پنهنجي نالي مطابق نواڻ جو نياپو کڻي آيل آهي. جنهن ۾ صنفن، موضوعن توڙي ٻوليءَ جي حوالي سان نوان نوان تجربا ڪيل آهن. جديد شاعريءَ ۾ ايڏي ته گوناگوني ۽ وسعت پيدا ڪرڻ جا موقعا رکيل آهن، جو شاعر لاءِ اڏام جي ڪا حد ڪانهي، جنهن سان پڙهندڙ لاءِ پني پني مان اڳتي پڙهڻ لاءِ اتساهه جو احساس پرائڻ لازمي ٿيو پوي. منهنجي نظر ۾ جديد شاعريءَ جي اڏام جي سڀ کان مٿاهين حد ڪنهن شاعر جو پنهنجو اسلوب (Diction) قائم ٿيڻ آهي، جيڪو همعصر يا پوءِ جي شاعرن کي پنهنجي روايت تي هلائڻ لاءِ اڪسائيندو رهي. جيئن لطيف سائينءَ جي شاعري آهي، جيئن استاد بخاريءَ جي شاعري آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ منهنجي ٿيءَ ۽ ان کان پوءِ جا شاعر جدت کي تمام سوگهو جهليو ويٺا آهن. "جدت کي سوگهو جهلي رکڻ" جي باوجود منهنجو مشاهدو اهو آهي ته، جيئن ته جديد شاعريءَ جي وصف ۽ رجحانن جي باري ۾ ڪي گهٽيون چٽيون ۽ عام تحريرون موجود نه آهن، ان ڪري اڪثريت جي ذهنن ۾ مٿين اصطلاحن جي باري ۾ چٽائي ٿيل ڪانهي ۽ انهن جي شاعريءَ ۾ جيڪا جدت جي سرهاڻ موجود آهي، اها دراصل سنڌن خداداد ذات آهي.

فيس بوڪ تي شاعري پڙهڻ ۽ پيش ڪرڻ دوران ڪيترن ئي موقعن تي مون کي محسوس ٿيو ته ٻين جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي، خود مون کي به انهن اصطلاحن جي وصفن کي نئين سري سان سمجهڻ جي ضرورت آهي ۽ اهو سوچي مون جديد سنڌي شاعريءَ جي حوالي سان هڪڙو سوال فيس بوڪ تي رکيو ۽ اهو سوال رکڻ سان منهنجي آڏو جيڪي شيون چٽيون ٿيون، تن مان (منهنجي ليکي) سڀني کان وڌيڪ اهم ڳالهه اها هئي ته روايتي ۽ جديد شاعريءَ جو سفر گڏوگڏ هلندو آهي ۽ ساڳيو شاعر هڪ ئي وقت روايتي موضوعن تي، روايتي لفظن سان به شاعري ڪندو آهي ته وٽس جدت ۽ نواڻ جا نوان نوان رنگ به موجود هوندا آهن. ان ڪري پڙهندڙن کي ڪنهن به شاعر جو هڪ اڌ شعر پڙهي ان تي ٺپو هڻڻ بدران مجموعي تاثر مطابق سندس شاعريءَ جي باري ۾ راءِ جوڙڻ گهرجي.

ڪافي دوستن کان هن قسم جا رايا به ٻڌڻ ۾ ايندا آهن ته شاعري سولي ٻوليءَ ۾ ڪرڻ گهرجي ته جيئن هر ڪنهن لاءِ سمجهڻ جوڳي رهي. هن سلسلي ۾ منهنجو موقف اهو آهي ته شاعريءَ جون مختلف صنفون آهن ۽ انهن مان ڪن جو پيرايو اهڙو هوندو آهي جو ڏکي ٻولي استعمال ڪندڙ شاعر به لازمي طور تي سادي ۽ منڙي ٻولي استعمال ڪرڻ تي مجبور ٿي پوندو آهي. جهڙوڪ گيت، نظم، وائي ۽ ڪافي وغيره جهڙين صنفن ۾. پر ڪي صنفون اهڙيون به آهن، جن ۾ شاعر کي ٻوليءَ تي دسترس مطابق جيترو به وجهه ملندو آهي، تجربا ڪرڻ ۾ وسان نه گهٽائيندو آهي. جهڙوڪ غزل، چوسٽو، بيت وغيره جهڙين مروج صنفن ۾. دراصل ٻوليءَ جا تجربا ئي اهڙين صنفن جي جان هوندا آهن. هن ڳالهه کي اجا چٽو ڪري سمجهائجي ته تشبيهن ۽ استعارن جو شاعريءَ ۾ استعمال لازم ۽ ملزوم آهي. هي اهي بنيادي جزا آهن، جن سان پڙهندڙن کي شعر سمجهڻ لاءِ ذهن وڙهائڻ تي اڪسائجي ٿو. پر رڳو اتي بس ڪانه ٿي ٿئي. شاعر پنهنجي علمي استطاعت مطابق شعر ۾ مختلف صنعتن جو استعمال ڪندو رهندو آهي، جيڪي هڪ طرف سندس شاعريءَ ۾ نکار آڻينديون آهن ته ٻئي پاسي شعر کي ڏکيو ڪري پڙهندڙ کي ان جي معنيٰ تي غور ويچار ڪرڻ تي آماده ڪنديون آهن. شاعريءَ ۾ جيڪڏهن اهي لوازمات نه

هجن ته اهڙي شاعري، تڪبنديءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڪانه چئبي. بالفرض جيڪڏهن شاعريءَ ۾ انهن خوبين جو استعمال نه به ڪيل هجي، ته به هر پڙهندڙ جي پنهنجي عقل ۽ فهم تي ڇڏيل آهي. جيڪو سچو قصو ٻڌڻ کان پوءِ سوال ڪري سگهي ٿو ته ”ليليٰ مرد هئي يا عورت؟“

حاصل مطلب اهو ته جيڪا شاعري سڻي لڳي، ان کي ساراهجي، جيڪا سمجهه ۾ نه اچي، ان کي يا ته سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي، يا ٻين جي سمجهڻ لاءِ ڇڏي اڳتي وڌي وڃجي. ها باقي صنف مطابق شاعريءَ جي ماڻ ۽ ماپن توڙي مواد ۾ مروج اخلاقي قدرن کان هٽيل ڪا ڳالهه محسوس ٿئي ته ان تي سوال ڪرڻ يا تنقيدي نقطءِ نظر پيش ڪرڻ تي ڪا جهل پل نه آهي.

متئين نقطءِ نظر جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو ته شاعري لفظن سان ڪيڏڻ جو نالو آهي ۽ نثر جي مقابلي ۾ نظم ۾ نوان نوان لفظ ۽ اصطلاح آڻڻ جي به شديد ضرورت محسوس ٿيندي آهي. اهي لفظ ۽ اصطلاح، لساني جاگرافيءَ جي ڪنهن محدود حصي ۾ ڳالهايا ويندا هجن، يا ڀرپاسي ۽ عام معروف ٻولين سان تعلق رکندڙ هجن، بهرحال ٻوليءَ لاءِ نئين رت جي حيثيت رکندا آهن ۽ شاعريءَ ۾ وسعت پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻبا آهن. مثال لاءِ لطيف سائينءَ جا ٻه بيت حاضر آهن:

اڇي سار لهيج، ساجن! سورَ تماري آئون ماري!
سورَ تماري جي مران، تان مون ڏوه مَ ڏيج،
ڏبن پري هٿڙا، دارون دوست! ڪريج
(يمن ڪلياڻ – وائي)

تند تماريءَ تانُ، ڪَهيو سو قبول پيو،
سر ته آهي سٽ ۾، پر ٻيو ڪي مڱڄ دان،
خاڪ متي ڪا بانُ، ڪاتيا پوءِ ڪجهه نهين.
(شاهه / سر سورٺ)

گذريل ڪجهه ڏهاڪن کان سنڌي شاعريءَ ۾ نون لفظن جي استعمال کي روڪڻ جي هاسيڪار ڪوشش ڪئي وئي آهي. جنهن سان ٻوليءَ جي پاٺمرادي ترقيءَ جي راهه روڪ ٿي آهي. ٻيو ته ٺهيو، پر علامه آءِ آءِ قاضي جهڙي عالم پنهنجي مرتب ڪيل شاهه



جي رسالي ۾ متين بيتن جي پڙهڻي هن ريت بيهاري، بيتن جي مفهوم کي بلڪل متائي ڇڏيو آهي.

اڇي سار لهيج ساڄن، سور توهانجي آءٌ ماري،
سور تنهنجي جي مران، تان مون ڏوهه مَ ڏيج،
ڏين پري هٿڙا، دارون دوست ڪريج.
(يمن ڪلياڻ – وائي)

تند تنهنجي تانُ، ڪُهيو سو قبول پيو،
سر ته آهي سٽ ۾، پر ٻيو ڪي مڱڄ دان،
خاڪ متي ۽ بانُ، ڪاتيان پوءِ ڪجهه ناهي.

(شاهه جو رسالو علامه آءِ آءِ قاضي وارو، صفحو 27 ۽ 104)

هيٺيون بيت عبدالغفار ”گوهر“ دائودپوٽو جي مرتب ڪيل الف ب وار شاهه جي رسالي ۾ به موجود آهي).

اهي لفظ جيڪي قديم شاعريءَ کان وٺي اڄ تائين ٿيل سنڌي شاعريءَ ۾ ورجايا ويندا آهن، يا اهي لفظ جن کي جديد شاعرن پنهنجي شاعريءَ کي نواڻ ڏيڻ لاءِ مختلف علائقن ۾ ڳالهائجندڙ سنڌيءَ جي محاورن مان يا ڀرپاسي جي ٻولين مان يا وڏين ٻولين مان چونڊي ڪنيو آهي. جديد شاعريءَ جي سرواڻن ۽ اڄ جي دور جي نمائنده شاعرن جي شاعري به اهڙن مثالن سان ڀري پئي آهي. پڙهندڙن جو ذهن صاف ڪرڻ لاءِ اهڙي قسم جا ڪجهه مثال هتي پيش ڪجن ٿا:

هي ڪفر کان ڪڙي آ، اسلام کان ٻڙي آ،
تون ڀيءَ جيءَ پر پن، اي گهوٽ هيءَ گهاتي.
(گيڙو ويس غزل صفحو 149)

ڪچي آ ديوار ڪڏهن هي ڦهڪو کائي ڪرٽي آ،
ڪيڏو ئي مضبوط لڳي، پر دنيا تيري ميري ۾.
(گيڙو ويس غزل صفحو 262)

سيءَ آهي ”اياز“ هن کي چئي،
اِئن نه انگيءَ چپاءِ انگارا.
(گيڙو ويس غزل صفحو 287)

اڳ ۾ تون بات چيت ۾ ڪيڏو رکو هئين
تو اڄ ۾ لفظ پي جي چيا، پيار مان چيا!

(راهون پنڌ پيون، نارائڻ شيام، صفحو 35)

تون تہ لنبي مثنوي ٻڌجي پئين،
هوند نـنڍڙو ڪوئي هائيڪو ٽئين!
پت تي سامهون فريم ۾ فوٽو ڏسي،
در جي چوکٹ تي اچي بيهي وئين!

(راهون پنڌ پيون، نارائڻ شيام، صفحو 38)

قرب منجهان صوفي تي وهاريو،
چا هي قرب تصنع آهي.

(تنوير چئي، تنوير عباسي، صفحو 322)

اميٽيشن جي پٿرن وچ ۾ سچو موتي تو شرمائي.
مورک ماڻهن جي مجلس ۾ شاعر ڪيئن تو شعر پڙهائي.

(تنوير چئي، تنوير عباسي، صفحو 446)

هتڙي، هتي، هُت، هوت هجي پوءِ چا ڪپي،
پينر يَوُ بَهُت، اڪيلي اوڪاريان.

(ڪوڪڻ يا ڪلياڻ، استاد بخاري، صفحو 46)

مرڻ، جيئڻ مامرو، سياڻا، سمجهي سڄُ،
اچڻ لاءِ اچي مچئين، وڃڻ ڪارڻ وڄُ،
طوعاًڪرهاً مڄُ! وو جا وات وجود جي.

(ڪوڪڻ يا ڪلياڻ، استاد بخاري، صفحو 47)

پامستُ مان نہ آهيان، پر ايترو پتو پيو،
آغاز جو ڏنم هٿ، انجام هوس نالو.

(نہ ڪم نبريو، نہ غم نبريو، استاد بخاري، صفحو 167)

اهڙن لفظن تي بنا سوچڻ سمجهڻ جي اعتراض وارڻ اڄ جي دور جو عام رجحان آهي، جيڪو مطالعي جي کوٽ جي ڪري ئي ممڪن تي سگهي تو ۽ ان جو آخري نتيجو سنڌي شاعريءَ کي وري



۾ محدود ڪري روايتي شاعريءَ جي گس ڏانهن ڌڪي ڇڏڻ آهي ۽ اهو ڪم هڪڙي اهڙي قوم جي ماڻهن ڪي نہ ٿو سونهي، جنهن جا دانشور ۽ ليکاري، انگريزن جي تحقيق کان شاڪي آهن ۽ سنڌي ٻوليءَ کي هند آريائي ٻولين جو ماخذ ميڙائڻ لاءِ جتن ڪري رهيا آهن. ان کان علاوه اهو ۾ ياد رکڻ گهرجي تہ پاڻ هن وقت اليڪٽرانڪ ميڊيا جي دور ۾ جيون پيا ۽ مختلف ٻولين کي سڏيءَ طرح پڙهي سگهڻ جي ڪري، هيءَ دور ٻولين جي سڪڙجڻ جو دور آهي. ٽي وي چئنلن تي ٻوليءَ جي حوالي سان ٽيندڙ بي قائدين تي فڪرمند رهندڙ دوستن کي ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ اسان کي پنهنجي بچيل زندگيءَ ۾ لساني حوالي سان اچا وڏين وڏين انقلابي تبديلين کي ڏسڻ جا موقعا ملندا، جن کي قبول ڪرڻ ۾ ئي ڀلائي هوندي. منهنجي نظر ۾ اها دراصل سنڌي ٻوليءَ کي سندس لساني حدن ۾ آهستي آهستي سوڙهو ڪري ختم ڪرڻ جي ڪوشش جي حوالي سان قدرت پاران اسان کي مهيا ڪيل غيبي مدد آهي. جنهن مان لاڀ حاصل ڪندي اسان کي پنهنجي ٻوليءَ جي جائز مقام جا ثبوت هٿ ڪرڻ ۽ انهن کي اصل اوج ڏيارڻ جي لاءِ جتن ڪرڻا پوندا.

ساڳئي دور ۾ پڻ همنام شخصيتن جي حوالي سان ڪافي شيون منجهي پونديون آهن. مرحوم مقصود "گل"، رتيديري سان تعلق رکندڙ قاضي خاندان مان سنڌ جو نالي وارو شاعر ٿي گذريو آهي. جنهن جي وفات 15 فيبروري 2015ع تي ٿي. سنڌس حياتيءَ ۾ ئي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي خطن جو مجموعو شايع ڪرايو ويو هو، جنهن ۾ منهنجو هڪ خط، قاضي مقصود "گل" جي نالي سان شايع ڪيو ويو هو. مرحوم جي وفات جي ٻئي ڏهاڙي 16 فيبروري

www.sindhsalamat.com

2015ع واري عبرت اخبار ۾ حبيب لغاريءَ جو مقصود ”گل“ تي لکيل آرٽيڪل ڇپيو. جنهن ۾ مقصود ”گل“ جي پروفائل سان گڏ مرحوم جي نالي سان جيڪا به شاعري ڏني وئي آهي، اها منهنجي آهي. نشاندهي ڪرڻ تي حبيب لغاري فون ڪري ڪنهن آرٽيڪل ۾ ان جي وضاحت ڪرڻ جو واعدو ڪيو هو، پر هيءُ ڪتاب ڇپجڻ تائين اهڙي قسم جي ڪا به وضاحت ڪٿي ڇپيل نظر نه آئي آهي. جڏهن ته اهو آرٽيڪل مختلف ويب سائٽن تي رکيل آهي، جيڪو سدائين مغالطي جو ڪارڻ بڻبو رهندو. تنهنڪري اهو پنهنجو استحقاق سمجهندي اڳتي انهن بندن وارن غزلن تي حاشيو لڳائي نشاندهي ڪئي وئي آهي. جڏهن ته انهن مان هڪڙي نعت جا بند هن مجموعي ۾ شامل ڪيل نه آهن، جيڪي هن ريت آهن:

ماڻهن جي عقيدت جا، اسباب گهڻا آهن.
سڀ رنگ فضيلت جا، تو منجهه ڪٺا آهن.
ڀلجون ٿا الائي ڇو، نه ته ڳالهه سڌي پئي آ،
قرآن ۾ الله جا، احڪام چٽا آهن.

ٻولي هڪڙو بحر آهي، جنهن تي عبور رکندڙ کان به ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان غلطي ٿيڻ ممڪن آهي. آءٌ ته ان لحاظ کان ڪنهن به ليکي ۾ ناهيان جو لفظن جي صحت جي دعويٰ ڪري سگهان. شاعري مون پنهنجي ذات لاءِ ڪئي آهي، تنهنڪري مڃتا جي خواهش رکڻ منهنجو مسئلو نه آهي، پر جڏهن ڪي سٽون پڙهندڙن جي ذهن کي ڇهي وينديون ته ان ڳالهه جي خوشي محسوس ٿيندي.



هن ڪتاب جي اشاعت جي سلسلي ۾ آئون ٿورائتو آهيان سوجهرو پبليڪيشن مٽياري جي منتظمن، ڊاڪٽر عبدالرزاق ميمڻ ۽ انجنيئر ارشاد احمد ميمڻ جو، جن منهنجي شاعريءَ جو هيءُ مجموعو اشاعت جي لائق سمجهي پنهنجي اداري پاران ڇپرائي مون کي مان ڏنو.

تاريخ: 01 آڪٽوبر 2015ع

**قاضي مقصود احمد**
مٽياري

دائــرا، دائــرن جــي انــدر دائــرا.
سوچ جا هي عجب ٿا لڳن مامرا.

سرمئي رنگ جا سلسلا ٿيا شروع،
تنهنجي تر آندا اکين اڳيان ترورا.

دل جذهن ٿي چوي، پنهنجي من ۾ لهي،
مون ڪئي آ پريتم تنهنجي ياترا.

ڪيئن ٿو پسجي تنهنجو عڪس انهن منجهان،
سمجهه ۾ ڪانه آئي ڪڏهن ماجرا!

توکي ڏسندي منهنجي ذات اٿليو پوي،
۽ غزل تي غزل ٿو چوان ڪيترا.

منهنجي اندر ۾ آهين رڳو تون ئي تون،
ان کان ٻاهر جا ڇڏيم سيئي آسرا.

تون پلي ڏور مون کان هجين او مٺي!
عشقُ يادن جا تو سان ڳنڍي ٿو سرا.

جانِ "مقصود" مون چنڊ توکي ميڄيو،
منهنجي جيون ۾ رهندا تنهنجا سوجهرا.



اک جو ڪنبڻ، نڪ جو ڪوڪو ٿي سگهندو ڇا؟
نظرون ڦيرڻ، پيار جو جذبو ٿي سگهندو ڇا؟

مان گهايل هان، تير جهٽي ڇاتيءَ ۾ ٽُنبيم،
تنهنجو ڪوئي وار ٻه اوڇو ٿي سگهندو ڇا؟

ڪچڙو ڌاڳو، رشتن ۾ ٿو لوههُ ڪري پر،
لوههَ جو سنگهر، دل جو ناتو ٿي سگهندو ڇا(1)؟

يار جي هٿ جو زهر ٻه ماکي، شال ملي پئي!
برهه جي پل جو حلوو مٺڙو ٿي سگهندو ڇا؟

ڏيڏر پنهنجي ٿانءَ ۾ ڦوڪيل، ڍنڍ ۾ پن تي،
سهڻو لڳندڙ جر تي ڦوٽو ٿي سگهندو ڇا؟

هئي ڙي يارل! لوڪ سوالن جو عادي آ،
تنهنجي سامهون مون جيئن موٽڻ ٿي سگهندو ڇا؟

جهڙو تنهنجي سونهن جو دهڪو، مون تي ويٺل،
اهڙو ڪنهن تي تنهنجو داٻو ٿي سگهندو ڇا؟

(1)لوههُ هڪ ڌاتوءَ جو نالو آهي، جڏهن ته لوهه ٿيڻ هڪ محاورو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي قابو ٿيڻ. هن بند ۾ انهن ٻنهي صورتن جو استعمال تجنيس ناقص (محرف) جو مثال آهي.

منهنجو پيار ته شهر، سماج جي ڪَنَ تي پهتل،
ان ڪان بهتر پَيرَ تي ڏونڪو ٿي سگهندو ڇا؟

ونهنوارن جي ڳالهه ڪيم، پر مان به ٿو ڇاڻان،
دل جي بدلي دل جو سودو ٿي سگهندو ڇا؟

عشق، ڪڙهڻ ۽ نظم، سڪڻ سان ايندو آهي،
شعر تي دردن ڏاران ملڪو ٿي سگهندو ڇا؟

هِنَ هرٽيءَ ڪي بهشت جي باغن ۾ ڳولهيندس،
سوچيان ٿو اُت پهچڻ منهنجو ٿي سگهندو ڇا؟



رات ننديءِ بات وڏي، پهر ڪٽن پيا.
آءُ ته آسيس وٿون، پل چون پيا.

سونهن سهائيءَ ۾ اجا سرس هجين پر،
شهر ۾ ڦرجانءِ نه، راڪاس گهمن پيا.

تون به پلي هاڻ مون ڪان سِرُّ گهري ڇڏ،
چپ چريا، ٻول لڳم، چنگ وڃن پيا.

ٻره جي بيمار ڦڪيا ٻُڪ ڦڪين جا،
شهر ۾ لقمان وڏو انگ رهن پيا.

تون جو خزائن ۾ پڳئين، باغ ٿيون دليون،
ٻج ڦٽا، گؤنچ ٿهيا، گل ٽڙن پيا.

آءُ ٻڌي پينگهه لڏون نم جي وڻ ۾،
او هو پريان ڏس ته وڏا ڏار لمن پيا.

هاڻ ڪبيون جوڙ ڪٽي لوهه جون تارون،
ڇو ته نشانيءَ جا سڳا روز ٽٽن پيا.

ساعتون ياد رهنديون سدائين.
چاهتون ياد رهنديون سدائين.

تهنجي سنگت ۾ جيئڻ وقت گذريو،
راحتون ياد رهنديون سدائين،

کلندي کلندي رسامي جي حرڪت،
عادتون ياد رهنديون سدائين.

هو وڇوڙي جو اڻچاڻ خطرو،
پارتون ياد رهنديون سدائين.

قربتن بعد دوريون ڏنيون ٿئي،
حالتون ياد رهنديون سدائين.

ياڳ رکيون اياڳن سان ريسون،
شامتون ياد رهنديون سدائين.

درد جون وارداتون، تماشو،
آفتون ياد رهنديون سدائين.

تون ئي "مقصود" منهنجي ضرورت،
حاجتون ياد رهنديون سدائين.



دم عشق جي سرشاري، دم عقل جي دلداري.
اُتساه ڏنو جيونَ، چاٽي تو ڪلاڪاري.

ياڳن ۾ هيو سڀ ڪجهه، هڪ يار نہ ملڻو هو،
ان يار جي ڪارڻ مون، ياڳن کان بہ پُٺِ واري.

بيداد حسن نڪتو، جذبن کي لتاڙي ويو،
بي تاج ملي جنهن کي، دلين مٿان سرداري.

تو بن مون گهڻو لوڙيو، مون پاڻ کي پيڙيو آ،
ڪو وقت هلي آهي، هن من ۾ مهاياري.

پاٽيءَ تي تري آيل، ڦوٽي جي مثل ماڻهو،
هن سونهن ۾ ڪانهي ڪا، ايڏي بہ جٽاداري.

قربت جا خزانا ڪڻ، آثار سنيالي وٺ،
تون اڄ بہ ٿي وارث اڄ، وٺ پنهنجي حصيداري.

"مقصود" رڳو تنهنجو، بس ساٿ گهريو آهي،
قانع آ طبيعت جو، ٻي ناهي طلب گاري.

www.sindhsalamat.com

قرب جو نالو غزل، پيڙاءَ جو نالو غزل.
دل کي رسيل درد پريل گهاءَ جو نالو غزل.

نوجوانيءَ جي ڏهاڙن جو آ هر پل شاعري،
روحَ کي گرمائيندڙ هر تاءَ جو نالو غزل.

نينهن جي جا مند آهي؛ مند – بي مندائتي،
پيار جي موسم ۾ هلندڙ واءَ جو نالو غزل.

سرد راتين جو قسم، جنهن عشق اوجاڳا ڏنا،
اک لڳڻ کان پوءِ جي چرڪاءَ جو نالو غزل.

بي سبب ناهن ائين نظرون ملڻ، هڪ ٽڪ ڏسڻ،
ڪنهن سان ديدن جي انهيءَ اٽڪاءَ جو نالو غزل.

اڄ بہ ٿا اظهار جا دل ۾ پڙاڏا گونججن،
وقت سر وَروَر ٿيل ورجاءَ جو نالو غزل.

نظم ۾ منظوم ڪر، ”مقصود“ پنهنجون حسرتون،
عمر پر جي لئہ مليل سوداءَ جو نالو غزل.



اُتر اڏيڪار ڏئي، سونهن! ڪٽي هل سنگ.
پرت پڇي پئي چو اڃا، ڪونہ چڙهيو ٿئي رنگ؟

منهنجي سامهون آرسي، ان ۾ تون ئي تون،
پاڻ وساري پاڻ مون، دنگ ڪيو آ دنگ!

مون جو پنهنجي پانڌ ۾ تاتيو هو توکي،
اِڇاڏاري عورتا! ڪوهہ هٽين ٿي ڏنگ.

تو جا پانئي واسنا، نرڇو منهنجو نينهن،
انگ نہ گهرجي پاڻ کي، تون ٿي منهنجو ننگ.

منهنجي دل جي صاحبا! تون جي آهين ڪانہ،
سوچون ساهہ گهٽين ٿيون، ڌرتي ٿئي ٿي تنگ.

هيل بهارون جي اچن، سوچي سوچي پاڻ،
موٽي اچجان هاڻ تون، لاهي دل تان زنگ.

نوٽ: هن غزل جو وزن عروض بدران سورٺا ڇند جي بنياد تي جوڙيل آهي.

حقيقتن جي ڪڪر لڳل، سراب ڪشمڪش ۾ هو.
اچي ڪريو آ نيت جو شهاب ڪشمڪش ۾ هو.

هي ڏوهه آ زبان جو، يا ذهن ۾ خلل رهيو،
سوال پئي پڇيو تريو، جواب ڪشمڪش ۾ هو(1).

اسان گهريو کُلي اچن، انهن گهريو کُلي پون،
مگر انا جو مامرو! حجاب ڪشمڪش ۾ هو.

پرايو ڏن تڪيم پئي، مگر نئين ڪنهن طِرز سان،
گناهه جو هو ڪم مگر؛ ثواب ڪشمڪش ۾ هو.

اڳي جا سارا داستانَ، ضبط تي سکيا پئي،
اسان جي داستان تي، نصاب ڪشمڪش ۾ هو.

وِتي سهون نه وار جي، هي دوريون بي پار جون!!؟
لڳي ته ڪنهن جي ڪنڌ ۾؟ حساب ڪشمڪش ۾ هو.

هي حالتن جو جبر هو، جو منهنجي دل سهي سهي،
ٽڪا ڪري ڦُٽي پئي، حُباب ڪشمڪش ۾ هو.

انهن جي هار ۾ پوي، يا منهنجي قبر کي چمي،
پنهي جي حسرتن تي اڄ گلاب ڪشمڪش ۾ هو.

(1) هن مصرع ۾ صنعت تضاد جا ٻه مثال موجود آهن.
(2)



انداز منجهان منهنجو اظهار نه تي سمجهين!
اکين ۾ نهارين تي، پر پيار نه تي سمجهين!

ايڏي به مٺي آخر، بي سمجهه نه آهين تو،
مون قرب اٿئي آڇيو، ونهنوار نه تي سمجهين!

جو! منهنجي خموشي کو پيغام نه پئي ڏي جا؟
طوفان ڪان اڳ واري، ماٺار نه تي سمجهين!

تون عَدُوَ جي ڳالهين تي ايڏي ته لڳل آهين،
دلدار کي اڄ پنهنجو، دلدار نه تي سمجهين!

مون تنهنجي ثنا ڪارڻ، هي شعر لکيا آهن،
هيءُ سونهن جي سربستي، پرچار نه تي سمجهين!

بهتر آ شهر جي وچ ، ديوارَ ڏياري ڇڏ،
جي نينهنُ پنهنجي دل ۾ نروار نه تي سمجهين!

"مقصود" جي قسمت آ، "مقصود" ئي لوڙهيندو،
"مقصود" کي پنهنجو جي معيار نه تي سمجهين!

www.sindhsalamat.com

ڏنل هرڻيءَ جي اکين جي سدائين سار ۾ ورتل.
اجا تائين غزل ڳايان پيو مان پيار ۾ ورتل.

رهي تنهنجي ڳلي آهي، منهنجي لئه تيرتن وانگر،
مگر تيرت اهو: جيڪو هجي تڪرار ۾ ورتل.

پري کان واس وٺبو پيو، رڳو تون شهر ۾ هجان،
تنهنجي هوندي سچو ماحول ٿئي مهڪار ۾ ورتل.

ڪڏهن ڏتڪار کي ڏسندي، ائين محسوس ٿيندو آ،
هجان ڪاري کان جهڙو ڪو، ڪنهن جي ونهوار ۾ ورتل.

سيئي رستا نياياسون، مگر سريو نه آ ڪجهه پي،
رهيو جيون وڏيري وٽ ڪيل ونگار ۾ ورتل.

ائين جي وقت پيو ويندو، ڪڏهن پتر به ٿي وجبو،
تڏهن سرڪار تون رکجان، پلا آثار ۾ ورتل.

اها "مقصود" ۾ مستي رهي ناهي وئي ڪان پوءِ،
جڏهن ڏسندين، تڏهن ملندو، تنهنجي ويچار ۾ ورتل.

دائرا ( )

ڪير ندين جون سڀ ڌارائون.
تنهنجي مک جون چڻ ريکائون.

هئه هئه تنهنجو سُندر چهرو،
ڏنـدين آڱريون، مـهلائـون(1)!

اهڙي رمز رکيل آ تو ۾
جنهن جون لک اٿئي معنائون.

ڪاش هجان ها ڪو باغائي،
روز ڪجن ها گل ورڪائون.

هن عطا جو عام ٿئي درشن،
خالق جون ٿينديون وهوائون.

منهنجي پاڳ ۾ آهين نه آهين!؟
منهنجون تو لئه سڀ آشائون.

رهندي پول ۾ تنهنجي خوشبو،
تنهنجي لئه منهنجون رچنائون.

جانب! تو بن جيئڻ ڪهڙو!؟
ٿيءَ نه مون کان تون پاسائون.

(1) مهلائون = مهيلائون، عورتون.

جي رڳون ڏُکنديون ڳولِـهَڻُ مسئلو!
سي لِيڻ ۾ منجهن هَٿُ وجهڻُ مسئلو!

يار منهنجي مهارت ۾ نالو ڪڍيو،
ڪين هو تند چيڙي ڇڏڻُ مسئلو!

هڪ ته ڦٿڪڻ نه هو مرُسپائي جو ڪم!
هن جي اڳيان وري ڪجهه ڪُڇڻُ مسئلو!

هي نئون دور آ، پو به خالي ڪنين،
يار منهنجي جي لئه هو ٻڌڻُ مسئلو(1).

شاعري! شاعري! تون وڏي ذات آن،
ريءَ قلم پيار ڪنهن کان گهرڻ مسئلو!

وقت، لهوار پاٽيءَ جيان وهڪرو،
هن لئه اوپار ڏاڍو وهڻُ مسئلو(2)!

آئون ڏاڱن ڪچن سان به ٻڌجو وڃان،
عمر ساري آ رهٽو سڄڻُ مسئلو!

سوچيان پيو ڪڏهن موٽ ڪاڏي پرينءَ،
پاڻ ٿيندم سنڀالي سگهڻُ مسئلو!

(1) صنعت ايهام جو مثال
(2) صنعت تضاد جو مثال



قربت، قربت هوندي آهي.
نفرت، نفرت هوندي آهي.

قربت، نفرت جي وچ دل جي؛
حسرت، حسرت هوندي آهي.

ملندا آهن ياڳن وارا!
صحبت، صحبت هوندي آهي.

ڏُکَ ۾ درد جي سچي من ۾
برڪت، برڪت هوندي آهي.

ساروڻ ڪي ساري سمدم،
رحمت، رحمت هوندي آهي.

دل تو لئه اهرام ڪئي تم،
تربت، تربت هوندي آهي(1).

منهنجي ڳالهه تي ڪنڌ جهڪيئي پر:
سهمت، سهمت هوندي آهي.

(1) عام عادت مطابق تربت ۾ ماڻهو ان يقين سان پوربو آهي ته اهو مئل آهي، پر اهرام ۾ مڙدو ان نيت سان پوربو هو ته اهو جيئرو آهي ۽ ساڻس گڏ رکيل سامان سندس ڪم ايندو. هتي دل ۾ محبوب جي زنده جاويد هئڻ جي استعاري طور ”اهرام“ لفظ استعمال ڪيو ويو آهي.
نوٽ: هن غزل ۾ صنعت مقابله ۽ صنعت مراعات النظير جو عام استعمال ٿيل آهي.

اس جو ٽڙڪو، ٻاهه جو ڀڙڪو، ساڳي ڳالهه نه ڇئبي.
سيريل ڀڪرو، دل جو ڦڙڪو، ساڳي ڳالهه نه ڇئبي.

ظلم سان ظالمَ! جيڪي ڪن ٿا، تن جي ڳالهه الڳ آ،
لٺ جو مارو، پيار جو ڌڙڪو، ساڳي ڳالهه نه ڇئبي.

ڪنهن جي موت تي روچ ۽ راڙو، پوءِ دعا لئه هٿ:
راڙُل وچڙڻ، عمر جو رڙڪو، ساڳي ڳالهه نه ڇئبي.

نانگ جي ڏر ڪان سڪتو پئجڻ، ڪنبٽي وتجڻ ڀڏجي،
قرب جي ماريل من جو ڏڙڪو، ساڳي ڳالهه نه ڇئبي.

جي نه اچين ٿو، تنهنجي مرضي، وقت ٽپائي وڃبو،
پر نه اچڻ جو تنهنجو دڙڪو، ساڳي ڳالهه نه ڇئبي.

تون ”مقصود“ مياري ناهين، ڪنڌ وٺي روئيندي،
پئه ڪان سڏڪو، يار جو ڪڙڪو، ساڳي ڳالهه نه ڇئبي.

نوٽ: هن غزل ۾ صنعت مقابله جو عام استعمال ٿيل آهي.



پيار جي تانگهه من ۾ گهٽي ڪانهي.
قرب ماپڻ جي بس ڪسوٽي ڪانهي.

پنهنجي اندر جي تحرير ڪيئن ميٽجي!
منهنجي دل ڪاٺ جي ڪا پٽي ڪانهي.

۽ وڇوڙي ائين لڳ ڪانداريا،
سيءَ ڪا جان اهڙي سٽي ڪانهي!

هاءِ هرجائي! توکي ته شابس هجي،
تون چوين ٿو ته تو دل مَٽي ڪانهي!

ها، رناسين، رڙياسين، هلياسين مگر،
ماٺ ويهي حياتي ڪٽي ڪانهي.

تون، مون ڪان جان گهرندي ڪلين چو پيو!
هي ته اعزاز آ، ڪا چٽي ڪانهي!

درد ”مقصود“ لذت وٺي مون سَٽو،
هونئن حياتي ته ڪنهن ڪي ڪٽي ڪانهي.

تشبيهون، استعارا، ڇڻ تنهنجي در جا باندي.
لفظن جا هي شرارا، ڇڻ تنهنجي در جا باندي.

هوندا گلاب ٽڙيل، تو بن بهار ڪانهي،
سهڻا سيئي نظارا، ڇڻ تنهنجي در جا باندي.

واڇٽ ڪري وڃن ٿا، ڪيڏو نه سر تو وڪري،
هي نينهن جا نغارا، ڇڻ تنهنجي در جا باندي.

موڪيءَ ڪان وٽ مليل آ، نيٽئون خمار جهلڪي،
هن دور جا متارا، ڇڻ تنهنجي در جا باندي.

جنهن دل تي تون تي سورج اڀرين ته ڪاڻ لهنديئن،
سارا اِهي اجارا، ڇڻ تنهنجي در جا باندي.

تنهنجن خواهشن تي، ٿا نابري ورائن،
ڍرندڙ اسان تي ڍارا، ڇڻ تنهنجي در جا باندي.

هن لوڪ کي به شابس، منهنجي ئي ڪڏ لڳل آ،
ڪمزورءِ سگهارا، ڇڻ تنهنجي در جا باندي.

تو سان بغاوتن جو سوچيان ته ڪيئن سوچيان،
منهنجا خيال سارا، ڇڻ تنهنجي در جا باندي.

قسمت جي ڳالهه آهي، ڪو وس هلي نه جنهن تي،
"مقصود" جا ستارا، ڇڻ تنهنجي در جا باندي.



دل کي درياءُ ڪر ته فيض ملي.
سوچ کي واءُ ڪر ته فيض ملي.

پيءُ وانگر ستون نه ڪر سگهيون،
پاڻ کي ماءُ ڪر ته فيض ملي.

دل جي تڙپڻ جي اهميت ناهي،
جيءَ کي گهاءُ ڪر ته فيض ملي.

ماٺ جو فلسفو آ بي مقصد،
ڪجھ ته ڏهڪاءُ ڪر ته فيض ملي.

سڀ اثبات آ، نفي ناهي،
ان جو ورجاءُ ڪر ته فيض ملي.

هيءَ دنيا محبتون چاهي،
تِن جو ڦهلاءُ ڪر ته فيض ملي.

ياءُ هر آدميءَ کي مڃ پنهنجو،
سڀ سرچاءُ ڪر ته فيض ملي.

اسان جا سينا پريم جا گهر، دوار کولي.
تڪي رهيا هن، پرين اچي ڪو اسان سان ٻولي.

جڏهن ڪان پيارن جي ياد جو سلسلو هليو آ،
ڀلائي ڇڏيو اسان ڪان سارو جهان ڀولي.

هي وحشتن جا عظيم ريلا ڪٿان اچن پيا!؟
هري هري پيو پنن جيان من اسان جو ڏولي.

اڃي ئي ساڻا، تڪي ٿياسين صفا وساڻا،
وڇوڙو ويٺو اچا ٻه سوچن ۾ زهر گهولي.

ڀلي تہ “مقصود” خوار ٿيون ۽ خراب سڏجون،
مگر نہ ڇئبو تہ عشق ڇڏيو اسان ڪي رولي.



احساس جي گهيري ۾، انڪار جي ڇا معني!؟
قربت ۾ قريب(1) اچبو، تڪرار جي ڇا معني!؟

اندر ۾ اٿم صحرا، سيلاب وچان سُرڪي،
ڦُرُڦُرُ ٿي ڪري ڪڪري، وسڪار جي ڇا معني!؟

جي ڪنهن جي جياپي جو، تو تي ئي مدار آهي،
ان لاءِ دعا گهرجي، ڦٽڪار جي ڇا معني!؟

هٿُ هٿَ ۾ ڏنل ڪنهن ڪي، ڪو دور آ درشن کان،
ماڻهوءَ جي ٻٽي اهڙي ڪردار جي ڇا معني!؟

جو حسن هجي آيل ملڪوت جي عالم مان،
تنهن حسن مٿان سورهن سينگار جي ڇا معني!؟

هن عشق جي رمزن کي واعظ جي ٽٽا سمجهن،
صوفين ڪان پڇي وٺبو، دلدار جي ڇا معني!؟

تون رسم کي جدت ڏئي، رڻ پٽ ۾ مون کي ڏڪجان،
ڪمزور کي پيهڻ لئہ، ديوار جي ڇا معني!؟

مان وقت جي آويءَ ۾، “مقصود” پڪل آهيان،
جيئن پيار ڪندڙ چاڻن، معيار جي ڇا معني!؟

(1) صنعت اشتقاق جو استعمال

ضرب، تقسيم، گهٽ وڌائي ڪر.
ڳالهه اُڪلائي چڏ، پلائي ڪر.

منهنجو پاسو ڪُٽو ته خير آهي،
پنهنجي پاسي پلي سوائي ڪر.

تنهنجا الزام منهنجي اکين تي،
ڪنهن بهاني ته لب ڪُشائي ڪر.

آئون من جو به حال چاڻان تو،
منهنجي سامهون نه ڪا پڪائي ڪر.

هي وڇوڙو متان ڏکيو لڳنئي،
ٿورو سوچي مون کان جُدائي ڪر.

پاڻ سان جي نه تو ڪرين ته پلا،
مون سان "مقصود" هڪ چڱائي ڪر.

ضرب، تقسيم، گهٽ وڌائي ڪر.
ڳالهه اُڪلائي چڏ، پلائي ڪر.



نينهن جي ڪانَ تي چڏيل آهي.
جان فرمان تي چڏيل آهي.

پنهنجي وس ڪجهه رکيو نه آ باقي،
دل به طوفان تي چڏيل آهي.

هي وڇوڙو به ائٽمي بم آ،
من جي جاپان تي چڏيل آهي.

منهنجو سارو علاج بس هن جي،
هڪ مسڪان تي چڏيل آهي.

هوءَ سچي ٿئي نه ٿئي سندس مرضي،
هن جي ايمان تي چڏيل آهي.

درد قدرت ڏئي، يار کان يا ملي،
ضبط انسان تي چڏيل آهي.

راز "مقصود" اڄ ڪيان ظاهر،
ڪم نادان تي چڏيل آهي.

ڪو مڪافات جو عمل گهرجي.
دستِ قدرت جو ڪجھ دخل گهرجي.

پنهنجي دنيا سفيد پوشن لئہ،
ڪجھ ڏکي ٿئي تہ ڪجھ سهل گهرجي.

هيءُ ويرانين آ سمجهايو،
شهر هاڻي ذرا متل گهرجي.

حالتون ضابطي ۾ گهرجن ٿيون،
جنگ گهرجي نہ ڪو جدل گهرجي.

صرف اخلاص ٿا گهرن ماڻهو،
ان جو ڪوئي نہ ٿو بدل گهرجي.

سانوري، سياھ ۽ اڇي هٿ ۾،
دوستيءَ جو سڳو ٻڏل گهرجي.

هيءُ "مقصود" انقلاب آهي،
جنهن جي لئہ حوصلو اٿل گهرجي.



نسلن تائين رَتُّ ولوڙڻ ڪان بهتر.
قرب ورهائڻ، جنگيون جوٽڻ ڪان بهتر.

مڙس پني؛ سو لوڪ لڄا جو ڪم آهي،
پر بہ لڳي ٿو چيٽا پورڻ ڪان بهتر.

سنگت سان نيباھ مناسب آ ڪرڻو،
هيڪل وياڪل وقت کي پوڳڻ ڪان بهتر.

سوچ غليظ آ، ڏاڪڻ بدران لفٽن ۾!
ماٺ پلي آ، ان کي روڪڻ ڪان بهتر!

شاعر جو ڪم آهي ڪلالن ڪان چڙهيل،
جاڳائڻ آ، مڏ ۾ ٻوڙڻ ڪان بهتر.

پڙ ۾ پانڌ ٻڌي وڙهڻ جي رسم اٿئي،
پهچڻ ڪان پو منهن کي موڙڻ ڪان بهتر(1).

عورت هئي، پر اڳتي اڳتي وڌندي وئي،
مرڻو ڄاتو سسئيءَ! موٽڻ ڪان بهتر.

ٺهڻو آهہ تہ يارل! اُت ڪو ياڪر پاءِ،
ٽيندو ڪيڏو گند ڦلورڻ ڪان بهتر.

(1)جنگ ۾ هڪ ٻئي سان پانڌ ٻڌي ساھ جو سانگو لاهي ويڙھ ڪرڻ، سنڌ ۽ هند جي سماٽ قبيلن ۾ مروج قديم رسم آهي. اهڙي قسم جي هڪ جنگ ۾ مرزا جاني بيگ جنگي اصولن جي انحرافي ڪندي مرزا باقيءَ جي مدد لاءِ صاحب سمي جي اڳواڻيءَ ۾ ڪڇ ڪان آيل جاڙيجن سمن جو قتل عام ڪيو هو.
نوٽ: هن سڄي غزل ۾ صنعت مقابلہ جا مثال موجود آهن.

www.sindhsalamat.com

ها ها، تنهنجي وجود ۾ ڪجهه روشنيون هيون.
اندر جي اک سان پاڻ اهي مون ڏٺيون هيون.

مُک تي هيون مجاز جون سڀ رونقون وري،
اخلاق جون طبع ۾ سيئي خوبيون هيون.

وڪريو نه حسن پيو آ سڄيءَ ڪائنات ۾،
پر يار منفرد ڪجهه تو ۾ شيون هيون.

طالب ٿيس نه تو سان ملڻ جون خواهشون،
هر گهرج ڪان يقين سان چوندس وڏيون هيون.

شدت سان توکي ياد ڪيم ء فراق ۾،
مون دربدر تي تنهنجون گهٽيون يي پچيون هيون.

يادن ۾ آسپاس جي دنيا نه ياد پئي،
مون لاءِ شهر منجهه به ويرانيون هيون!

هيءَ تشنگي جهڪي به پلا ڪيئن ٿي سگهي!
اڄ ڪان اڳي به ڪنهنجون اجون هي اجهيون هيون؟!

“مقصود” حوصلي سان ڪٽيو وقت کي اٿم،
صدين تي ٿيون محيط سموريون گهڙيون هيون.



لفظن کي مدّعا جي مان قابل نه تو ڏسان.
جذبن کي ڪجهه ڪڇڻ ڏي به مائل نه تو ڏسان.

مون عشق، فلسفيءَ جي نظر سان پڙهيو جڏهن،
هن سان ملڻ جو پاڻ کي قائل نه تو ڏسان!

سوچيم وصالِ يار جو اڄ آسرو پلي،
ايڏو سڪون ڪنهن کي به حاصل نه تو ڏسان.

اي درد! دوستيءَ جو قسم تو سواءِ مان،
ڪنهن کي به پنهنجي حال سان شامل نه تو ڏسان.

مشڪل جي سمنڊ آ نه تري ۾ زمين آ،
ڇا تي پيو اکين سان جي ساحل نه تو ڏسان.

يارن ڇڏيو آ ساٿ، سندن ظرف آ مگر،
مان پاڻ کي انهن جيئن جاهل نه تو ڏسان.

“مقصود” مون نه هيئن ڏٺو آ سدائين جو،
ڪنهن کي به، وصل بعد به، واصل نه تو ڏسان.

سانوڻ رت جون مست ٿڌارون تنهنجي نانءُ.
هن جيون جون سڀ بهارون تنهنجي نانءُ.

چنگ ۽ سارا تنهنجي نانوَ تي وڄندا هن،
تنبورن جون وڄندڙ تارون تنهنجي نانءُ.

درد تہ ڏيندو خير، مگر مان ارپيان ٿو،
منهنجي دل جون ڏارون تنهنجي نانءُ.

غير جو نالو وٺندس ڪافر ٿي ويندس،
سنگت سان سڀ خبرون چارون تنهنجي نانءُ.

جيت ۽ تنهنجي نالي ملندي، وٺندس مان،
تيسيتائين ساريون هارون تنهنجي نانءُ.

ٻئي ڪنهن ۾ ڪو ڪم ۽ منهنجو شال نہ پئي،
ڍوليا! منهنجون سڀ ميارون تنهنجي نانءُ.

عشقَ مجازيءَ ايئن نچايو آ شاعر،
سڀ "مقصود" ڪيون ونهنوارون تنهنجي نانءُ.



انڌيرن جي اڳيان اجالو ڏبو
جسم جان کي ڪجھ ڪشالو ڏبو

ڪبي سوچ سان لوچ بيدار ۾،
خيالن کي جذبو جوالو ڏبو

اٿوَ هن وطن جا ۽ ويري گھڻا
طريقي سان واتن کي تالو ڏبو

گھري ٿو جي عظمت جو اهڃاڻ ڪو
موهن جي دڙي جو حوالو ڏبو

متو مول سنڌوءَ جو ڪوئي پڇي
پٽائيءَ جو هٿ ۾ رسالو ڏبو

مٺا ٻول ميٺاج وارا ڪپن
همرچو، گھڙولي، جمالو ڏبو

وطن کي ڪپي ٿي رڳو ايڪتا
تفرقي کي هڪدم اچالو ڏبو

اهو سر سنڌوءَ جي امانت اٿوَ
ضرورت پوي لامحالو ڏبو

نہ گيدي ٿبو ۽ نہ پاڙيو ٿبو،
دليرن ۾ "مقصود" نالو ڏبو.

www.sindhsalamat.com

حسن جي هر ڪا ادا وه وا وا!
نينهن جا چڙهيا نشا وه وا وا!

پيار جو پيچ اٽانگو ناهي،
طوق، زنجير، سڱا، وه وا وا!

محب سڀ منفرد مگر منهنجو؛
يار هر ڪنهن کان جدا، وه وا وا!

روپُ، اطوارَ ڪتان ڪو آٽي؟
چا نہ خلقيو آ خدا، وه وا وا!

ٻي ڀلا ڳالھ بيان ڪهڙي ڪجي،
دوست جي هر ڪا خطا، وه وا وا!

هن جو ديدار ٻٽيو آ مون لئہ،
دردِ الفت جي دوا، وه وا وا!

شال ”مقصود“ سدا ساڻ هجن،
دل گھريا دوست ڪتنا، وه وا وا!



زندگيءَ جون سرحدون ماپي نہ ڇڏ.
روشنيءَ جون سرحدون ماپي نہ ڇڏ.

سونهن ڳوري جيئن ڪاري ۾ بہ ڏس،
دلڪشيءَ جون سرحدون ماپي نہ ڇڏ.

فڪر سان ٿو فڪر جو ڏيئو جلي،
شاعريءَ جون سرحدون ماپي نہ ڇڏ.

نيڪيون ساريون عبادت ۾ شمار،
بندگيءَ جون سرحدون ماپي نہ ڇڏ.

پنهنجي سنگت ۾ سچي انسانيت،
دوستيءَ جون سرحدون ماپي نہ ڇڏ.

ڪنهن کي تون تهذيب کان خالي نہ چئہ،
برتريءَ جون سرحدون ماپي نہ ڇڏ.

جنهن گهٽيءَ ۾ سک جو ديرو هجي،
ان ڳليءَ جون سرحدون ماپي نہ ڇڏ.

ڪو ڀلي ”مقصود“ ڪيڏو ئي چوي،
ڀائپيءَ جون سرحدون ماپي نہ ڇڏ.

ذرتي ۾ تڪرِ ٿيندي، آڪاس هليو ويندو.
قصا ۾ ختم ٿيندا، اتهاس هليو ويندو.

هر روپ ۾ ٿيندي آ، ماڻهوءَ جي طلب مايا،
پاڇن جي پٺيان ڊڪندي، وشواس هليو ويندو.

ايڏو ۾ گلابن جي ويجهو نه وڃڻ گهرجي،
جو نيٺ حواسن مان، بوءِ واس هليو ويندو.

مون تنهنجي وڇوڙي مان ڪي سبق پرايا هِن،
سامهون نه وري اچجان، ايياس هليو ويندو.

ايڏي ۾ پرين ڪانهي، هن نينهن جي ڪمزوري،
جو ڏور رهي تنهنجو احساس هليو ويندو.



اي رنگِ جهانداري، ڪجهه جو ڳ پڇائڻ ڏي(1)،
جي تنهنجي قريب آيس، سنياس هليو ويندو.

هڪ عمر ڏنا آهيون، همٿ جي ضرورت آ،
هي درد ته ڪجهه ناهي، راڪاس هليو ويندو.

قدرت جو قسم آهي، روحن کي فنا ناهي،
توسان ئي اچي ملبو، جي ساس هليو ويندو.

(1)زير اضافت، "ءِ" اضافت ۽ "و" عطفي فارسي ترڪيبون آهن. ڪي ماڻهو جديد شاعريءَ ۾ انهن جي استعمال کي بلڪل متروڪ سمجهن ٿا. جڏهن ته "پونئر پري آڪاش" جي مهاڳ ۾ شيخ اياز لکي ٿو ته "مان وائي، نظم، آزاد نظم، قطعي ۽ غزل ۾ زير اضافت، همزه اضافت، واو عطفي ۽ فارسي لفظن ۽ ترڪيبن جو محدود استعمال اعتراض جوڳو نه ٿو سمجهان، ڇو ته گذريل ٻن سو سالن ۾ فارسي ۽ اردو زبان ۽ شعر جو سنڌي زبان ۽ شعر تي ڪافي اثر پيو آهي ۽ ان کان منحرف ٿيڻ اسان جي ٻوليءَ ۽ شعر لاءِ مضر ثابت ٿيندو". (پونئر پري آڪاس، شيخ اياز، صفحو 3، نيوفيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد، 1995ع).

نوٽ: 16 فيبروري 2015ع تي عبرت اخبار ۾ حبيب لغاري جي لکيل آرٽيڪل ۾ منهنجي هن غزل جا پهريان ۾ بند قاضي مقصود گل رتيديري واري جي نالي سان منسوب ڪيا ويا آهن.

سر سان سر کي ملائي سگهين ٿي تہ اچ.
ساز دل جو وڄائي سگهين ٿي تہ اچ.

قرب جو ڪارونهنوار ڪيئن ٿو هلي؟
ان جون رمزون ٻڌائي سگهين ٿي تہ اچ.

وقت ويچا وڏا پاڻ ۾ ڪيترا،
فاصلن کي مٽائي سگهين ٿي تہ اچ.

منهنجي شيشي جي دل مان ڪٿي سانديان؟
پٿرن کان بچائي سگهين ٿي تہ اچ.

هاڻ ڪنڊن تي هلندي ٿڪو آهيان،
نيڻ پنهنجا وڇائي سگهين ٿي تہ اچ.

تون زماني ۾ منهنجي طرفدار ٿي،
لوڪ سان جي ڦٿائي سگهين ٿي تہ اچ.

هاءِ واريءَ جيان منهنجي ويندڙ عمر!
مُٺّ ۾ جي پِڇائي سگهين ٿي تہ اچ.

منهنجي سنگت منجهان توکي سرندو بہ ڇا؟
درد جيڪر پرائي سگهين ٿي تہ اچ.

اڄ بہ "مقصود" دل ۾ ٿو سارون رکي،
نينهن مون سان نڀائي سگهين ٿي تہ اچ.



اتهاس جا هڪ هڪ ڪري سڀ ورق ورڻ ڏي.
قصا ڪي نئين دور جا مون کي بہ لکڻ ڏي.

ڇا توکي نہ آ ياد پنهنجو انگ ازل جو،
مٽيءَ جا جسم! مون سان پنهنجو روح ملڻ ڏي.

ورهين جو پياسو تنهنجي ڪپرن تي پڳو آ،
سنڌوءَ جا ڪنارا، مون کي هڪ سرڪ پرڻ ڏي.

ڇو آڳ کي اندر ۾ پلا ساندي رکيو ٿئي!؟
دونهين تہ دکيل آهي، ڪو پنيٺ بہ مچڻ ڏي.

اي سنگ! ڪڏهن سنگ تراشن کان نہ پڇجي.
تون خام آهين، مون کي پنهنجو روپ گهڙڻ ڏي.

قربت جي ترازيءَ جا هجن ماڻ برابر،
يا مون کي مٿي ڪڻ يا مون کي پاڻ جهڪڻ ڏي.

ڇا توکي متو منهنجو اصولي نہ لڳي ٿو!؟
جو تون بہ پلي جيءُ ۽ مون کي بہ جيڻ ڏي.

"مقصود" کي هيءَ پونءِ بہ جنت ئي لڳي جي؛
اي حور! ڪٿي پنهنجي رڳو پر ۾ رهڻ ڏي.

www.sindhsalamat.com

ساجهر جو، سويري ۾، پڻ رقص ضروري آ.
اونده ۾، اويري ۾، پڻ رقص ضروري آ.

خوشين ۾، مهل سارو، نچندا ٿا رهن ماڻهو،
پر درد جي گهيري ۾، پڻ رقص ضروري آ.

ها پاڻ ڪُڏيا آهيون، انگور جي محفل ۾،
پر هوش جي ديري ۾، پڻ رقص ضروري آ.

روميءَ چيو "مي رقصم" مان ڪيئن نہ مڃان ان کي،
صوفين جي وتيري ۾، پڻ رقص ضروري آ.

تلوار ڪٽي پڙهٽو آ شاهہ جو ڪيڏارو،
ظلمت ۽ انڌيري ۾، پڻ رقص ضروري آ.

جي جسم نہ ٿا ٿڙڪن، دلين کي ئي جهومايو،
شعرن جي وکيري ۾، پڻ رقص ضروري آ.

محڪوم سماجن جي قدرن جا ڪتل آهيون،
حالات جي ڦيري ۾، پڻ رقص ضروري آ.

"مقصود" اگر تو کي، سچ سمجهہ ۾ آيو آ،
اظهار جي پيري ۾، پڻ رقص ضروري آ.



اڪيون سدائين رهنديون تو لئہ وِڇاڻ بڻجي.
دلبر ڪڏهن نہ اچجان، دل جي وِساڻ بڻجي.

چڻ سمنڊ ٿي ولوڙيو، او اپسرا اُروشي(1)!
سوچن ڪڍيو آ توکي، مون مان منڌاڻ بڻجي.

ڏاڍو ڏڄان ٿو تو کان، او شينهن جي شڪارڻ،
تنهنجي گهٽي وئي آ، مون لئہ مچاڻ بڻجي.

اڏرن ٿا لفظ اهڙا، جذبات جي پرن سان،
خوشبوءِ تنهنجي سونگهي، منهنجي پراڻ بڻجي.

سنگت بہ مون کي منهنجي نالي نہ ٿي سڃاڻي،
سالن کان تون رهي آن، منهنجي سڃاڻ بڻجي.

هوڪا اچا بہ منهنجا هِن شهر ۾ ٿا گونجن،
شايد وَرِي اچين ڪا، سڏ جي وراڻ بڻجي.

اي واءَ وچ وٺي اچ، هن پار جي خبر ڪا،
موٽي وري بہ اچجان، هن جي پُڇاڻ بڻجي.

"مقصود" هي شعر هِن، تنهنجون ئي يادگارون،
منهنجا ڪتاب رهندا، تنهنجا وٺاڻ بڻجي.

(1) هندو ديومالائي قصي جو هڪ ڪردار

ڪنهن تان واري جيءُ چوان ٿو.
من کي ماري جيءُ چوان ٿو.

اونداهيءَ ۾ لاٽ جيان ٿي،
پاڻ کي ٻاري جيءُ چوان ٿو.

ويڳاڻپ ۾ ياس ئي سرندئي،
سنگت ساري جيءُ چوان ٿو.

طوفانن کان مور نه ڊڄجي،
ٻيڙيون تاري جيءُ چوان ٿو.

سر تي جيڪا مشڪل ڪڙڪي،
تنهن کي ٽاري جيءُ چوان ٿو.

مولا! پَٽَّ سنوان ته نه جوڙيا،
ڏونگر ڏاري جيءُ چوان ٿو.

پنهنجي حق ۾ سارا ساجن،
ڊارا ڊاري جيءُ چوان ٿو.

جيڪي ڪنهن سان قول ڪيا ٿئي،
وعدا پاري جيءُ چوان ٿو.



نوڙت نياز جي پنهنجي اندر،
عادت ڌاري جيءُ چوان ٿو.

ڪڏهن ڪڏهن مالڪ جي در،
هنجون هاري جيءُ چوان ٿو.

ٻڌ “مقصود” السّتي وايون،
نعرا ماري جيءُ چوان ٿو.

ڪرڻ رشتن جي ناقدري ڪچا لئہ؟
پرين ايڏي بہ بي دردي ڪچا لئہ؟

گرم جذبن اڳيان اهڙيءَ طرح چپ!
نوازش سردمهريءَ جي ڪچا لئہ؟

عمر جي تجربي ڪان رهبري وٺ،
جوانيءَ جي اجا مستي ڪچا لئہ؟

حسن دولت اٿئي ۽ ان جي هوندي،
فقيرن وانگي تنگدستي ڪچا لئہ؟

سدائين قربتن جو قرض رهندئي،
منهنجي اڳيان هي بل بستي ڪچا لئہ؟

اها "مقصود" ڪي رهندي شڪايت،
تہ مَٽُ هوندي وئينءَ متجي ڪچا لئہ؟(1)

(1) هن مصرع ۾ صنعت شبہ اشتقاق جو استعمال ٿيل آهي.



قرب جي ابتدا جي آڌر ڪر.
عشق جي انتها جي آڌر ڪر.

ڀاڳ سان پنهنجي اڱڻ تي آيل،
چين ڏيندڙ هوا جي آڌر ڪر.

تنهنجي سرتي ڪڪر جيان رهندس
چانوري لئہ گهٽا جي آڌر ڪر.

داءَ تي سر لڳائي جڏيو تہ،
غلط آ پر جُوا جي آڌر ڪر.

تنهنجي آڏو جهڪي وئي آهي،
دوست منهنجي انا جي آڌر ڪر.

هاڻ جياپي جو تون مدار آهين،
ڪنهن جِي اهڙيءَ فنا جي آڌر ڪر.

پنهنجون خوشيون تو ارپيان توکي،
دل مان نڪتل دعا جي آڌر ڪر.

پاڻ پاري ڏيو جليو رکيم،
منهنجي ڏُکندڙ چتا جي آڌر ڪر.

www.sindhsalamat.com

شام عمرين تي چڻ چڙهي آئي،
سونهن! سرهي سنجها جي آدر ڪر.

تون منهنجي چاهتن جي لڄ رکندي،
ڪنهن طرح سان وفا جي آدر ڪر.

اڄ بہ "مقصود" ٿو پڪارينئي،
هاڻ ان جي صدا جي آدر ڪر.



انيڪ روپ ۾ ظاهر ٿو روشنائي ڪري.
مجاز، حق سان اسان جي ٿو آشنائي ڪري.

جيئڻ جو ڍنگ مٽائڻ لئہ موهہ مايا جي،
حسن کي سجدا ڪرايا مدح سرائي ڪري.

پرينءَ جا زلف بہ هڪ عشق جي اَٿوَ منزل؛
نون رخن ڏي اسان جي ٿي رهنمائي ڪري.

فراق ناهي مقدر جو کيل او جانان!
ڪرم جي قلّ اسان کي چڏيو توائي ڪري.

نظر اڳيان ڪو اسان جي مثال پيش تہ ڪر،
اڏار پنهنجي طلب کي مٿي هوائي ڪري.

اصل تي سود جي گهرجي، اهو ملي ويندئي،
اوهان کي قرب ورائي ڏبو سوائي ڪري.

اڇي ڪو منهنجي تڏي تي بہ پير پر سانئڻ!
اگر چڱائي نہ پڄنئي، پلا مدائي ڪري(1).

هتي تہ درد گهٽائڻ جي هيءَ بہ پَرُ آهي،
نئين ڪا نينهن جي صورت چڏي پرائي ڪري.

مون کي تہ ساهہ چڏڻ تائين آسرو رهندو،
ڪڏهن ٿو يار محبت ۾ هم نوائي ڪري.

سموري حال کي "مقصود" تو اڳيان رکيم،
مون پنهنجي شعر ۾ هر ڳالهہ جي چٽائي ڪري.

(1) هن مصرع ۾ صنعت تضاد ايجابي جو استعمال ٿيل آهي.

www.sindhsalamat.com

عجب چهرا، پلا خاڪا، لڪيرن سان ٿين ظاهر.
مصور پاڻ هوندو آ، ڪڏهن سمجهڻ کان ڪجهه قاصر.

لڪيرون گهنڊ بڻجن ٿيون، لڪيرون، مسڪرائن ٿيون،
لڪيرون روپ بدلائڻ ۾ ٿينديون هِن وڏيون ماهر.

ٻڏو آهي، ڏٺو آهي، لڪيرن ڪي اسان پِٽبو (1)،
لڪيرون ئي وڃي بچنديون اَٿوَ يادن جون بلآخر.

لڪيرون، سرحدون آهن، وڃن ٿا پار ئي مٿجي،
لڪيرون ڪنهن جو گس روڪڻ تي آهن هر طرح قادر.

لڪيرون، ڪاغذن تي داستانن ڪي رقم ڪن ٿيون،
لڪيرون ٿي مديئڙا ڏين ٿيون ترديد جو تاثر.

لڪيرون، آگريون بڻجي ڪڇن ته به خير ئي ڇئبو،
ڏکيون لڳنديون، جڏهن تيرن جيان دل کان ٿين ٻاهر.

لڪيرون، وقت جون ڏارائون بڻبيون مون ڏٺيون آهن،
لڪيرون منهن تي چڪجن ٿيون، اسان جي عمر جي آهر.

لڪيرون ئي رهيون آهن، پنهنجي قسمت جون ريکائون،
لڪيرن کي ڏني آهي، اسان هر ڪار ۾ آڌر.

لڪيرن جو فقير(2) آهي، اٿس ساڳيو اهو رينگهٽ،
اوهان جي عشق ۾ سڏرائي ٿو "مقصودُ"، جو شاعر.

(1) (2) هي ٻئي صنعت ضرب المثل جا مثال آهن.



سنڌ سڄي گهيريلَ، جاڳندين، ڇا ڪندين؟
ياءُ سان وَيريلَ! جاڳندين، ڇا ڪندين؟

تون ڪبوتر آهين، هن جي هٿ تي اٿئي،
باز پڻ هَيرِيَلَ، جاڳندين، ڇا ڪندين؟

اُپُّ ڪرڻو نه آ، ڏِڄ نه؛ ڌرتيءَ کي ڏس،
جا اٿئي سيريلَ، جاڳندين، ڇا ڪندين؟

دوست چڙهنديءَ جا هن، اک ڇنب ۾ ميان!
ڪندَ ڏسي ڦيريلَ، جاڳندين، ڇا ڪندين؟

ڪنهن کي خرچي ملي، ڪنهن کي پرچي ملي،
بُتَ سيئي ڏِيرِيَلَ، جاڳندين، ڇا ڪندين؟

تون چوين ٿو مگر؛ ڪٽندين هٿيار ڪيئن؟
هٿ اٿئي ڪيريلَ، جاڳندين، ڇا ڪندين؟

نوٽ: وَيريل معنيٰ وير وڌل ۽ ڪيريل معنيٰ ڪيرو ٿيل

www.sindhsalamat.com

گونجي گونجي نيٺ فضا ۾ گم ٿيندو آواز.
رڪٽي آهي رڙ جي طاقت، ساهن سان دمساز.

هڪڙو يار تہ ناهي منهنجي اندر جو پيچي،
سنڌ بہ آهي منهنجي من جو اهڙو ڳُوڙهو راز.

پيار ملڻ جو پوءِ پرو پئي، يا نہ ملڻ جو پي؛
او ان جي انجام ڪان ڊڄندڙ! ڪيئن ڪندين آغاز؟

هڪّڙّ پٽائي، هڪّ سچل ۽ هڪڙو آ استاد،
سچّ تہ ساڳيو، سچّ چوڻ جو پنهنجو آ انداز.

پنڇي اڏرڻ، ماهي ترڻ ۾، حيرت آ ڇا جي؟
ماڻهو ڳهرجي وهيل مقابل، ماڻهو ٿئي شهباز.

سنڌ انهن جي آهي ۽ رهندي، جيڪي جاڳن پيا،
جوت جلائن، فيض ورهائن، سنڌ ڪي تن تي ناز.



شرارت سان پريل دليلن کي رد ڪر.
سپن سامراجي سفيرن کي رد ڪر.

جُڙن پيا نوان روز ٽڪسات سنڌ لئہ،
سمورن پاڇاري طريقن کي رد ڪر.

امن جي علامت پلي چو تہ پاسن،
ڪنيل هٿ سجائي، ڦرين کي رد ڪر.

اهي آجپي جا ڏين وينا هوڪا،
ڦريندڙ اسانجن نديمن کي رد ڪر.

جو ڌرتيءَ لئہ وڙهندو، سو پڳدار پنهنجو،
ڦِريل ڪندڏ وارن، پٽيرن کي رد ڪر.

جنين جون اَڏيون آهن زردار هٿ ۾،
ٻڌيءَ جي سمورن ئي تيرن کي رد ڪر.

جي آزاد آهيون تہ غربت بہ پياري،
غلاميءَ جي سارن خزينن کي رد ڪر.

عمل آهي "مقصود" ميدان جو ڪم،
زماني جي خلوت نشينن کي رد ڪر.

هو هـليو ويو، پرئين پار ڪان ڪجھ نہ گھر.
هاڻ پنهنجي هنئين هار ڪان ڪجھ نہ گھر.

هـڪ انا ٿـي چـوي، ٻـي وفـا ٿـي چـوي،
ڏار توڪان ٿيل، يار ڪان ڪجھ نہ گھر.

دلـبـرن جـون وڏيـون چـلـولايـون اٿـئـي،
ڏاهـا ڏس تـا ڏين، ٻار ڪان ڪجھ نہ گھر.

دل جِيءَ جبلت ڪان پاسي ٿي ڪر پرورش،
جنهن ڪي چاهين، انهيءَ نار ڪان ڪجھ نہ گھر.

تـوڪـي مستي ٿـئي، باهہ سان ڪيڏجان،
سردين جي ٿڌي ٺار ڪان ڪجھ نہ گھر.

هُـن اُلارِي اٿـئـي، تون ٿـو "ٻچ ٻچ" چئين!
پيـار اهـڙو اٿـئي، وار ڪان ڪجھ نہ گھر.

منهنجي سهڻي ٻڏي، مـون گهـڻو دانهيو،
ناهي پاڻيءَ شرم، تار ڪان ڪجھ نہ گھر.

۽ نہ ڪو هن ڪي سسئي هئي موٽي ملي،
ڪنهن قبر ٿي ويل ڏار ڪان ڪجھ نہ گھر.

هن ڪي "مقصود" دل مان وڃڻ لئہ نہ چئہ،
درد ٻڌجي ويل، سار ڪان ڪجھ نہ گھر.



جيون جي سچائي نہ پڇ، ڪـؤڙي ۽ ڪساري آ.
ڏُگ ڏُگ تي پيـو نـچجـي ۽ وقـت مـداري آ.

سِـڪـي جو ٻيو رخ آ، هر ڪوڙ ڪٽڻ واري،
منطق جي سهاري تي، آڪـاٽـي ٻـيـهـاري آ.

هي ڇؤر مهاندا سڀ، گُهٽ گُهٽ ٿا پين رت کي،
پر پو بہ نـڙي تِـن جي، ڪـيـڏي نہ اُڃاري آ.

ان اک کي هجي شاباس، جيڪا نہ ڇُلي هوندي،
حاڪـم تہ شـهـر جي هـرڪ دل درد سان ڏاري آ.

مذهب ڪي مفادن لئہ، هٿيار ڪندڙ ماڻهو،
هـر ظـلـم تـي تنهنجي ٿي، تاويل نياري آ.

حاذق ڪو نہ ٿو ڏسجي، گهرجي ٿي مسيحائي!
جنهن قوم جو هڪ هڪڙو، ڪوئو بہ پساري آ!

صدين جي تسلسل جي، هيراڪ نہ ٿي آهي.
انڌيـر مـتـل ڌرتـي، ڪـيـڏي نہ ڏڪـاري آ!

هـيءَ قـوم جيـارڻ لـئہ، احـسـاس اُپـارن پيا،
ڪمزور ڪُلهن ٽيڪـر، سيني تي ٻيهاري آ.

جو ڏاڍ ڏمر ڏسجي، "مقصود" ملامت ڪر،
ساچاہ ڪي هـن پيـري، ٽيـٽـو نـہ ميـاري آ.

نوٽ: 16 فيبروري 2015ع تي عبرت اخبار ۾ حبيب لغاري جي لکيل آرٽيڪل ۾ منهنجي هن غزل جو مطلع بہ قاضي مقصود گل رتيديري واري جي نالي سان منسوب ڪري ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com

جيءُ جيالو تنهنجي حد تائين رهي.
مَنُ اُبالو تنهنجي حد تائين رهي.

سونهن ۾ سرهاڻ سان لاڳاپيل،
هر حوالو تنهنجي حد تائين رهي.

روشني ڦهلڻ کپي؛ پر سِجّ جي،
چندَ۔ هالو تنهنجي حد تائين رهي.

ٻيا خوشيءَ جا گيت پل پيا ڳائجن،
هو جمالو تنهنجي حد تائين رهي.

شعر ٿا لکجن ته سوچن جو گذر،
لا محالو تنهنجي حد تائين رهي.

امتحانن مان اگر لنگهڻو پوي،
هر ڪشالو تنهنجي حد تائين رهي.

منهنجي دنيا تون هجين، بس تون هجين،
منهنجو نالو تنهنجي حد تائين رهي.



درشن جي آسري تي، در در رُلي رهيو هان.
تون شهر ۾ ٻه ناهين، تنهنجو پڇي رهيو هان.

مايوسين کان منجهيل، مستن جيان ڦران ٿو،
پيا شهر وارا ڪُرڪن، ڇا تي ڪڏي رهيو هان؟

ڇرڪن جي پئه ڏني هئي، ٻي خوابين جي عادت،
اي خواب! تنهنجي جوٽن تي اڄ سمهي رهيو هان.

هر وار ٿِي ڊسمبر هن ذات کي اجاري،
هن وار پي صحيفو تو لئه لکي رهيو هان.

هر عشق جي جلايل لئه شاعريءَ جي بارش،
رڻ ۾ تتل پياسن جي سر وسي رهيو هان.

پر مان پنهنجي اندر ۾ ڪورو ڪوئي رکان ٿو،
ڪنهن کي خبر نه آهي، ڪيئن مان دکي رهيو هان.

”مقصود“ پاڻ کي تون ڪيڏو لڪائي رکندين،
پڪ ڄاڻ تنهنجي اڳيان ٽڪرڻو پڇي رهيو هان.

اڌورا لفظ شعرن جا، مڪمل ترجماني ڪن.
جي ڪنهن جيءَ دل ۾ رهيل آ، ختم سان بدگماني ڪن.

رهياسين عمر ساري، جڻ اسان حسرت جي ڏاگهن تي،
بيابانن ڪي پينتيندي، نخل ٿا ميزباني ڪن.

هميشه عشق طبقن کان متاهون ئي رهيو آهي،
الائي يار ڇا جي لئه پيا گوتر گماني ڪن.

جي منهنجي ذات جي نهتائي کان واقف رهيا آهن،
ڪٿي آڳر اهي مون ڏي، پيا گوهر فشاني ڪن!

ملڻ جي آس ڪافي آ، ملڻ پوءِ ٿئي نه ٿئي ليڪن،
رڳو آئت رهي دل ڪي، نئين ڪا خوش گماني ڪن.

پرينءَ جي شهر وارؤ! ها توهان سب معتبر آهيو،
خدارا! يار ڪي چئبو، منهنجي ڪا قدرداني ڪن.

مليل انسان جي دل کي، تقدس جو مقام آهي،
متان هيءَ شيءِ سنڀالڻ ۾، ڪڏهن ڪا بيدياني ڪن.

ڪتابن وانگيان هن جي اڳيان بلڪل کُلي پئبو،
پڙهن پوريءَ طرح ۽ پو اسان جي رازداني ڪن.

ڪڏهن "مقصود" تي حيرت جو در هن طرح پتجي پئي،
صدين کان پوءِ هو سامهون اچڻ جي مهرباني ڪن.

دائرا ( )

اٽڪيو ته روح چئبو، نڪتي ته جان چئبي،
جياپي جي هر ڪا صورت، ڪنهن جو نشان چئبي.

جا دل محبتن کان وانجهيل نظر اچي ٿي،
سا دل جنن جو ديرو، خالي مڪان چئبي.

آهي ته يار آهي، ناهي ته ڪير ڪونهي،
هر سوچ دلبرن سان، پنهنجو جهان چئبي.

ڪنهن سان وصال کان پوءِ وڇڙي وڃڻ جي ٽڙڪي،
ماڻهوءَ جي من ۾ اٽيل ڊپ جو گمان چئبي.

هر فڪر کان ٿي عاري، ڪو محوِ يار آهي،
هيءَ سار ڪنهن غنيمت جهڙو ڏيان چئبي.

يا عمر(1) دل رهي آ، پنهنجي پرينءَ ڪي پرتل،
تنهنجي سچي ڪهاڻي، هڪ داستان چئبي.

صحرا نشين جي لئه هڪ پرخلوص ڪوشش،
سنهي گندي جي تاڻين، ته به سائبان چئبي.

"مقصود" هڪ نظر ۽ چپڙن تي مسڪراهٽ،
باقي عمر جي دردن کان جڻ امان چئبي.

(1) يا عمر= سچي عمر

www.sindhsalamat.com

ڏٺم ڪو چهرو چمڪندڙ نماءَ اڳيرو ڪيو.
اکين سان روح کي ڇڪي، ڇهاءَ اڳيرو ڪيو.

ڪو روپ لازوال هو، ڪمال هو، ڪمال هو!
سراب هـو يـا ڇـا ٻـ هـو، لقاءَ اڳيرو ڪيو.

مون هٿ اڳيان ڪيو جڏهن، نظر فريب ويو هٽي،
فراق ڏئي ويو تـڙپ، اُلاءَ اڳيـرو ڪيـو.

فضا هراسجي وئي، غزال هئي ٿهي پـڳـي،
پشو پکين کي چڻ تہ ڪنهن ٽڪاءَ اڳيرو ڪيو.

لڪائي پنهنجي روشني، ڪئي آ سج رهزني،
وري ٻہ رات چنڊ جي سهاءَ اڳيرو ڪيو.

جڏهن ٻہ تنهنجي پنڌ ۾، مون پاڻ کي ٽڪل ڏٺو،
تہ حوصلي ڪنيون اکيون، ڇتاءَ اڳيرو ڪيو.

ڄمار پئي وڃي تڪي، مگر وصل جو آسرو،
هتي نہ جيءَ هتي سهي، نياءَ اڳيرو ڪيو.



چار اکيون ڪري وار ڪاري ڪجان.
قرب پيڙهي ڇڏي، بار ڀاري ڪجان.

وَٽّ جيڪا ٻہ ڏين، سا جلالي هجي،
هوش ۽ عقل کان مونکي عاري ڪجان.

سر تريءَ تي رکيم، ڏس نہ بازيگري،
تون ٻہ تاڙي هٽي، پرستاري ڪجان.

لوهہ آهيان تہ ڇا، تو کان ويندس مُڙي،
ٻانهن پنهنجيءَ کي مون لاءِ ٻاري(1) ڪجان.

هيءَ ڏيڻ وقت جي مون کي ويندي ڳهي،
تون ڪنارو جهلي، ويجهي ٿاري ڪجان.

ڪنهن سڳنڌ جي ضرورت اٿم سُرهيا،
هن شهر ۾ اچي ڪا عطاري ڪجان.

منهنجي محبوب کي منفرد ٿو گهران،
ڳالهہ جيڪا ڪرين، سا نياري ڪجان.

ويٺو "مقصود" آهيان ڏسائون جهلي،
قول موٽڻ جو هو، آبياري ڪجان.

(1) ٻاري، جنهن سان لوهہُ (سريو) موڙيو ويندو آهي.

www.sindhsalamat.com

ڪنهن جي جذبن کي لتاڙڻ جو گنهگار ٿجي.
ان کان بهتر آ تہ پٿر سهي سنگسار ٿجي.

گل جي آهين تہ وجي نيٺ قبر تي پوندين،
وقت سر ڪنهن جي ڳچيءَ منجهہ ڪٽي هار ٿجي.

ننڊ رهزن آ، وئي عمر ڦري، خواب ڏئي،
ڇهنڊڙي هٿ تي هٽي، هاڻ تہ بيدار ٿجي.

اڄ غنيمن جي سواريءَ جون ٻڌون پيا ٽاپون،
دل چوي ٿي تہ لٽڙجڻ جي لئہ تيار ٿجي.

عشق ٻوڙيو تہ خيال آيو مون کي ڪُن ۾ گهڙي،
سوچ توکي ٿِي ڦري، پاڻ نہ منجهدار ٿجي!



چنڊ جي ساک ڏئي پيار جو اظهار ڪندس.
سعد موقعو آ، اماوس ۾ نہ هي ڪار ڪندس.

تو ڪئي آهي جڏهن آڇ مون کي پرچڻ جي،
هر شڪايت کي ڇڏي، ماٺ ۾ ديدار ڪندس.

مان سخنور تہ آهيان، منهنجي سخن جا جوهر!
ڪيئن تو بن منهنجي شعرن کي مان شهڪار ڪندس.

خال، خط، ابرو ۽ رخسار جي سرخيءَ جو سُنهن
پيو سڄي عمر تنهنجي سونهن جي پرچار ڪندس.

تنهنجي فطرت جي تقاضا تي هلڻ منهنجو ڪم،
پيار آهي تہ تنهنجا رنگ بہ اختيار ڪندس.

ڪر پيار جو اظهار تہ مان تو ڏي اچان.
من ۾ ڪو مونکي سار تہ مان تو ڏي اچان.

دل آئي تہ بس پوءِ انائون ڇا جون،
جي توکي هجي آر تہ مان تو ڏي اچان.

ڪر بند اکيون، جي تون ڏسڻ چاهين ٿي،
پيو گم ٿئي سنسار تہ مان تو ڏي اچان.

منطق سان ڪڏهن پرک نہ تون چاهت کي،
ڪر عقل کان انڪار تہ مان تو ڏي اچان.

"مقصود" رڳو مَنَّ تون سامهون منهنجي،
چئہ "آءُ تون هڪ وار"، تہ مان تو ڏي اچان.



خوابُ، بيدار اکين سان ڏسجي.
ڪوئي آثار اکين سان ڏسجي.

دل چوي ٿي تہ وقت ٿيو آهي،
هاڻي دلدار اکين سان ڏسجي.

دوست سامهون اچي ملڻ جي ڪر،
تنهنجو انڪار اکين سان ڏسجي.

سونهن ڇهري مٿان ڪُروڌ جو رنگ،
نورءِ نار اکين سان ڏسجي.

منهنجي مُٽ جا پلي ڪرن گدرا،
اهڙي ڪا ڪار اکين سان ڏسجي.

مُندَا! دل جي نهائين مان ٿي،
هاڻي نروار اکين سان ڏسجي.

پهرئين ڪنهن اٿڪاءَ جي نانءُ.
جيون جي سوداءَ جي نانءُ.

جيڪو پيهر اٿلي پئي ٿو،
پرجي ويندڙ گهاءَ جي نانءُ.

منهنجي سر تي ڪيڏئي ويندڙ،
هڪڙي هڪڙي داءَ جي نانءُ.

اقرارن، انڪارن جي وچ،
ڇڏيل هر ورتاءَ جي نانءُ.

اڄ ٻه منهنجي روح کي رسندڙ،
دردن جي ورجاءَ جي نانءُ.

وڇڙي ويندڙ يار جون يادون،
ڪنوٽن جي ڪڙڪاءَ جي نانءُ.



يار جا زلف هجن زنده باد.
پيار جا پيچ رهن زنده باد.

ڪير ڪاري نه ٿئي ڌرتيءَ تي،
محب مرڪن ۾ ملن زنده باد.

اکّ ڪٽجي ته نظارا ڏسجن،
سنڌ ۾ سک اچن زنده باد.

نانگ جيڪي ٻه هجن ماري ڇڏ،
باقي پوپٽ ئي بچن زنده باد.

سنڌ، سنڌوءَ کان سواءِ ڪجهه ناهي،
جيڪي پاڻيءَ لئه وڙهن، زنده باد.

آزمائش جو ڪڙو وقت اچي،
سڀ جوڌا تي پون زنده باد.

جيڪي “مقصود” محبت بدران،
بس محبت ئي ڏين، زنده باد.

دل جي تسڪين جي لئہ ميسر ٿيون حالتون واھ جون.
تنهنجي سامهون هجڻ جون غنيمت مجيم ساعتون واھ جون.

تنهنجا موتيءَ جان ڏند، لال رخسار ۽ گل مٿان ڪپ نهڻ،
هاءِ ابرو ۽ تر چپ جو، نڪ نقشي جون ساختون واھ جون.

مسڪرائي ڏسڻ ۽ اکيون شيڪجڻ، منهن کي موڙو ڏيڻ،
حسن سان گڏ ادائن جون سنگت ڪيل عادتون واھ جون.

پدمڻي! تنهنجي پيرن جي ننهن ڪان وٺي چوٽين تائين جي،
منظرن تي ڪيا شهر ۾ قتل ۽ غارتون واھ جون.

هوش پنهنجا چڏڻ ۽ هتن مان وڃڻ لازمي تي پيو (1)،
سونهن آنديون وڏيون منهنجي سر جي مٿان شامتون واھ جون.

بي خطا کي تنهنجا بي خطا تير ڏاڍا لڳا ها پرين!(2)
منصفيءَ جي مهل تو قبوليون منهنجون پارتون واھ جون!

وقت ساريون مٿائي چڏيون پنهنجي ميلاپ جون سرحدون،
پو بہ تو لئہ رهيون منهنجي دل جي اندر چاهتون واھ جون.

منهنجي غزلن ۾ دردن جي آهي شڪايت، روايت جيان،
درحقيقت مون دردن منجهان ورتيون راحتون واھ جون.

چنڊ تارا رهيا جاڳ جي ساٿين ۾ سدائين مٺي!
اڄ بہ "مقصود" ڏيندا رهن ٿا مون کي آٿتون واھ جون.

(1) هن مصرع ۾ ڏنل بہ محاورا صنعت ضرب المثل جو مثال آهن. (2) هن مصرع ۾ پهرئين لفظ "بي خطا" جي معنيٰ بيڏوهي آهي ۽ ٻئي لفظ "بي خطا" جي معنيٰ "نہ گسڻ وارو" آهي. هيءُ تجنيس تام جو مثال آهي.



مان پنهنجي اک جي نميءَ کي اگهي پيو ڳوليان.
اداسين جي شهر ۾ خوشي پيو ڳوليان.

اڃن ٿا ياد مون کي وھ جيان ڪڙا لمحا،
۽ تنهنجي سار کي پاڪروجهي پيو ڳوليان.

مون اضطراب کي عادت بنائي ڇڏيو آ،
هوا جي سڏ تي توکي لڄي پيو ڳوليان.

مٿي نهار ذرا بادلن ڏي اک کٽي،
انهن سان جوڙ تي جاني گهمي پيو ڳوليان.

فقير ٻچي لتاڙيون اٿم سيئي گهٽيون،
رلي ۽ لوڙهہ ڪلهي تي، رُلي پيو ڳوليان.

او سرس سونهن! سوايو قدرڪرڻ جي لئہ،
پريم جو مان ترازو کٽي پيو ڳوليان.

تو ساري شهر کي مقتل بنائي ڇڏيو آ،
مان سر ڪپائي اڏيءَ تي ڪڏي پيو ڳوليان.

صنم، خدا ڪان گهرڻ تي مون کي شرم آيو،
مجاز شرڪ نہ تي پئي، ڊڄي پيو ڳوليان.

مونکي جواب ڪيي، پر مونکي جواب نہ ڏي(1)،
ملڻ جي آس رکي، زندگي پيو ڳوليان.

ٿيڻ ڏي تون بہ تہ "مقصود" هاڻ ڪو ميلو،
مان تولئہ پانهن جون پينگهون ٻڌي پيو ڳوليان.

(1) هن مصرع ۾ پهرئين "جواب" جي معنيٰ ورندي آهي ۽ ٻئي "جواب" جي معنيٰ "انڪار" آهي. هيءُ تجنيس تام جو مثال آهي.

www.sindhsalamat.com

هيءُ عشق ازل کان ويري آ، ٿو جيءُ جلي آزارن کان.
کو ذهن اندر سوداءُ رهيو، پيو هانءُ ڳري ويچارن کان.

اي سونهن! سهائو تيز اٿئي، هن اجري اجري چهري جو،
ڏس ڪيئن ٿو توکي داد ملي، اڄ دادوندن دل وارن کان.

هي چا ته هلون ٿا ساڻ مگر، درياه – ڪپن جان ويڳاڻا،
اڄ پاڻ ٻڌايون ٻانهن ۾، سنگت جا سڳا ٻانڌارن کان.

هن ديس جي ريت انوکي آ، ڳوريون ٻه مرن ٿيون ڪاريون ٿي.
ڪنهن پريم نگر جي راه پڇون، هليا ته هلي وڻجارن کان.

او جيت! اڃي ٿي منهنجي بلي، ڪا نَٽّ نڪيليءَ جيئن پائين،
مون آس رکي اگهه پار پڇيو اڄ آهي وڃي سونارن کان.

هيءَ عمر سڄي تنهنجو آهيان، پر عمر جي هڪ سيما آهي.
چاهين جي اچڻ، پوءِ آءُ ڪٽي، اڳ جيءَ تي موت جي مارن کان.



مون جو گلاب ارپيا.
وينگس حجاب ارپيا.

جذبن وتي آ صورت،
قربت جا باب ارپيا.

لفظن خيال جوڙيا،
شعرن ڪتاب ارپيا.

منهنجون وڏيون اڏامون،
پرڙا عقاب ارپيا.

اکين ٿي بي مهارو،
آخر جواب ارپيا.

قدرت منهنجي صبر جا،
مون کي ثواب ارپيا.

“مقصود” مون وفا جي،
وعدن جا آب ارپيا.

www.sindhsalamat.com

خواب هن کي ڊيچاريو، نيٺ چرڪجي جاڳيو.
ڪو انڌير جو قيدي، روشني ڏسي جاڳيو.

ڳالهه ڪا خوشيءَ جي هئي، مون به مسڪرايو هو،
اوچتو اچي دل ۾ پور ڪو وري جاڳيو.

دل نقار خانو هئي، چؤطرف ئي ڪوڪارون،
سِپَ جيان تڏهن اک ۾ لڙڪ ڪو اٿي جاڳيو.

فرضَ پنهنجا وقتن تي ٿا ٿيڻ ڪپن پورا،
روز جيئن سويرو ئي، اڄ به هر پکي جاڳيو.

هڪڙي وڻ جي چوڏي تي، هُو ٿڪي ستو آهي،
ڪڙڪيتو سونهون ٿي، رات هو سڄي جاڳيو.

خونَ۔ رنگ تبديلي، ٿي سماج کي گهرجي،
انقلاب ڳائيندي، نيٺ ڪو ڪوي جاڳيو.

جو مٽيءَ مان ٺهيو آ، سو مٽيءَ ۾ ئي ملندو،
پنهنجي پونءِ ماتر کي، وير ڪو چمي جاڳيو.

محل ۾ ستل آهي، ڪالهه جيڪو رهزن هو،
پاڻ ۾ اگر ملندا، چاڻ هو ڏکي جاڳيو.



ڪو لڙڪ لڙي آيل، اکين مان اگهڻ گهرجي.
ٿو نينهن ڪري گهايل، ڪجهه درد ونڊڻ گهرجي.

هي وقت آ من موجي، ڪنهن لاءِ نه بيٺو آ،
هر ڳالهه مهل سارو، بي خوف چوڻ گهرجي.

بيشڪ مان انارن کان، انبن کي پلو پايان،
قربت جي مٺي ڦل جي، ڪا ڦار چکڻ گهرجي.

ماڻهو ته محبت ۾ ڦِٿندا ئي رهيا آهن،
پر پاڻ پڙهيل ماڻهن کي نيٺ ٺهڻ گهرجي.

شاعر جي طبيعت جي، ڪجهه سمجهه نفاست کي،
مان سونهن جو شيدائي، ماڻهو به مکڻ گهرجي.

ڪيڏانهن هليو وئين تو، او شخص وچولي جا،
تون هاڻ ڪپين ٿو هِتِ، اتر نه ڏکڻ گهرجي.

اشعار ٿين وارد، "مقصود" تسلسل سان،
مان شعر لکان ويٺو، جيئن هجر ڪٽڻ گهرجي.

پريم چل آ ۽ چل جي ڪايا پلٽ ٿئي ٿي.
جي هڪڙي صورت وڃي ٿي مٽجي تہ ٻي لڳي ٿي.

جي ٻاهـ ساڙي تہ برف ڪـهڙو اندر ٿي ٺاري!
سِلُن تي هٿ ڪي رکي ويهي ڏس تہ ڇا ڪري ٿي؟[1]

سَگهيون چڙهن ٿيون، نبل وڃيو نيستيءَ ۾ پهچن،
دماغ سوچن لئہ سَرَ جي پونگيءَ ڍهي پوي ٿي.

هوا جو جهونڪو، سماجَ! پوسٽ ختم ڪندو ڪيئن؟
هتي جياپي لئہ ڪائي اوٿر وڏي ڪپي ٿي.

حيات پنجاهہُ سَٺ ورهہ پو وري وڃڻ آ،
ڄمارَ اهڙيءَ ۾ لست ڪهڙي اڃي سگهي ٿي!؟

اڃو تہ سنڌ ۾ ڪو وقت اهڙو وري بہ آڻيون،
غريب ناري بہ زيورن سان سٽي ڪپي ٿي.

سِرَن ڪي هي وقت جو سبق اڄ پڙهائي ڇڏيو،
ڪپيا تہ تاريخ تن جي ڦٽ تي بہ مَڪَ مڪي ٿي.

(1) ڪارخاني ۾ Ice Box ۾ ڄميل برف کي انگريزيءَ ۾ Ice Stone يعني ”برفيلو پٿر“ يا برف جو پٿر“ ۽ سنڌيءَ ۾ برف جي سِرَ يا سِلَ چئبو هو. ڇو تہ ان جي شڪل سر جهڙي هوندي آهي. هاڻي تہ ان جي جڳهہ تي بہ برف جو بلاڪ سڏيو ويندو آهي.



سچ تي رخن جو پڙدو، ايڏو چڙهي وڃي ٿو.
ڳورو بہ؛ ڪير چاهي، ڪارو ڪري سگهي ٿو!

هي روشنيءَ علامت، ڪيڏو ڪپهہ سفيدو!
اڪ تي رکون پنوڙو، اوندهہ ڪري ڇڏي ٿو!

ساڳيو ئي حادثو آ، هر ڪنهن نظر جي سامهون،
ڪو هٿ اچي وجهي ٿو، ڪو ايئن لنگهي وڃي ٿو!

آدم جا سڀ ٻچا هِن، ڏاڏو وڏو وڏيرو،
جي ڪرّم آ تہ ڪرمي، ٻيا سڀ ڪمي سڏي ٿو!

ڪيڏو شريف ماڻهو، ڪيڏو ذليل ٿئي ٿو،
گونگو رهي تہ بهتر، ٺورو بہ جي ڪڇي ٿو!

پاڻي تہ آهي پاڻي، ترهو ٻڏي تري پر؛
ڌرتيءَ منجهان بہ ڦهري ڪو زلزلو مٿي ٿو!

شهہ رڳ کان اورتي مچ، يا پنهنجي من جي اندر،
خالق سدائين هيسيل، ماڻهوءَ جو ڏڍ رهي ٿو.

هر روح جي ڪيل آ، رمزن سان آشنائي،
جيڪو سکڻ گهري ٿو، سمجهي اهو وڃي ٿو.

ڪي فلسفي جون ڳالهيون، اعجاز ڪو عقل جو،
سورن ۾ يارُ پوندو، ماڻي جڏهن وٺي ٿو.

”مقصود“ درد پاري، پر آهي اختياري،
ساگر جو انت آخر، ٿوبو وڃي لهي ٿو.

www.sindhsalamat.com

وڏي پيو، هلي پيو، ڪو ئي لڏپلاڻي،
دھر جو مسافر، مقدّر نہ ڄاڻي.

وري راه پنهنجن شهيدن کي ساريو،
ڪوئي پنهنجي منزل کي ماڻي نہ ماڻي.

سچي سنڌ آ تنهنجي ڏاڏنگ جو ورثو،
سڏيو آ وري ڏيهہ توکي اباڻي.

جي هيموںءَ جي عاشق کي ڦاهيءَ پڪاريو،
بلاول جي سنگت گهمائي تي گهاٽي.

يَلِي نند سوريءَ تي ايندي پڌي تہ،
ڪو ڪونڌر منجي تي رلي ڪيئن تاڻي؟

ڪنهن جو خون اٿلڻ بہ هڪ ڏات آهي،
دليري ڳنهي ڪانڌ ونبي آ ناڻي.

ڏسون تا تہ خوابن جو سورج اُڀاري،
اُجالو ڪري تو هتي ڪير هاڻي؟



ذري مان ذرو ڪر، ڪتائي تہ ڏس.
اٿئي هڪ ڪٽو پڻ، ورهائي تہ ڏس.

گيانيءَ جي پيرن جي مٽي ڪٺي،
نرڙ تي هٿن سان لڳائي تہ ڏس.

ڪو پوپٽ جهٽي تو مُٺيون پيڙيون،
اڏائي خوشي ڪا پرائي تہ ڏس.

هتي روز مڪڙيون پٽيون ٿيون وڃن،
ٽڙڻ ڏي ڪليون، گل بنائي تہ ڏس.

ڏڪاريا اٿئي ڏيهہ راجا بٽيل،
نجس پير تن جا هٽائي تہ ڏس.

ڪئي رات آ ڏينهن جو رهزني،
ڏيئو ذات جو ڪو جلائي تہ ڏس.

هي طبقن ۾ ذاتين جون ڳالهيون ڇڏي،
سڳو سنڌيت جو پڌائي تہ ڏس.

او "مقصود" احساس جو دائرو،
سچي سنڌ تائين وڌائي تہ ڏس.

اسان جو سدائين کان خالي آ دامن،
ڪڏهن وقت رهزن، ڪڏهن بخت رهزن.

ڦٽڻ ۽ ڦهڻ تي رهيو بحث جاري،
نہ ڪو مان ٿو سمجهان، نہ ڪو هو ٿا سمجهن.

گهڙي جي پڇڻ تي دليلن جو مارو،
دلين جي ٽٽڻ جي ڪا تاويل ڪيئن ڪن!

ڏينهَنِ جي سفر ۾ سکيون ساڻ آهن،
حياتيءَ جي پنڌ ۾ سچاڻن کان چرڪن!

اڙي او زماني کي گهربل اجالا،
سويرا بہ تو لئہ سکائون ٿا باسن.

وري اڄ وري اڄ، ويل وقت ناهيون،
اچا تون جوالا، اچا آئون جوپن.

منهنجي گهر جو اڄ تائين در آهي پٽيل،
ڪبي ڪانہ ٺڪ ٺڪ، هلي آءُ چن چن.



گجريلي، گلزار لڱين تي، مان پوپٽ، تون رس رسيلي.
تنهنجي مک تان ڪنوٽون ڪڙڪن، منهنجي من جي تيل تي تيلي.

جاتي تنهنجو درشن ٿئي ٿو، تاٿي چڻ ڪو مُکّ سمارو(1)،
ڏند ڪٿائي ديوين وانگر، سر کان پيرن تائين سجيلي.

هن فصل تي سپ جو مارو، ڪوئي چڳي پيو، ڪوئي چري پيو،
مون تہ ٻني هئي پنهنجي سمجهي، مون نہ ٻني هئي تنهنجي پيلي.

سونهن ڪندي آ سر ۾ ڦيرو، ڪنڌ آڪڙجي(2)، اک ڦري ٿي(3)،
قاف جبل جي شهزادي پر: تون تہ نہ نڪتينءَ ايڏي هٺيلي.

ٻول ٻڌڻ سان مست ٿيا ماڻهو، مڏ جهڙو احساس پرائي،
فطرت پنهنجا ساز ٿي ڇيڙي، پنهنجي ذات کي سمجهہ سُريلي.

(1) وڏو ميلو (2) ۽ (3) صنعت ضرب المثل جا مثال

www.sindhsalamat.com

هي سورج ۽ تارا، نکٽ ۽ پَٽون.
هڙن ڪهڪشائن ۾ تنهنجون ڪَٿون.

گهٽائن سان تشبيهون آڳاٽيون،
اماوس جي راتين جان تنهنجون لَٽون.

منهنجي دل ۾ چپيل تنهنجا نقش هِن،
رکان ڪهڙو فوٽوءَ کان خالي پَٽون.

رڳو تون منهنجي گُهرَّ آهين رهي،
رڳو مون تنهنجي لاءِ ڪاڏيون سَٽون.

ورائي سگهين جي ويل وقت کي،
اجا تائين تو کي پڏان پيو چٽون.

محبت ٻه هڪڙي عبادت اٿئي،
ڏئي چڏ نـه "مقصود" خوش ٿي وٽون.

دائـــــــرا ( )

قليل جيون، ڪثير سوچون.
رکيو اڇن ٿيون، اسير سوچون.

جوان لمحا، پڏن جان گذريا،
رهيون اسان کي ڳنڀير سوچون.

خيال منهنجا، بنائي قالب(1)،
کٽي پڳيون کو سرير سوچون.

پرينءَ پنهنجي کي وساريو ڪيئن؟
اندر ۾ جاڳيل ضمير سوچون.

اوهان جي من ۾ ٻه اٿنديون هونديون،
اسان جون بٽجي سفير سوچون.

طلب کي هاٽي رسد ڏئي چڏ،
ڪري منهنجون دل پذير سوچون.

(1) صنعت مبالغہ جو استعمال

www.sindhsalamat.com

مستت لهرن جيان واه تنهنجي اُڇلَ.
ڪنهن جهٽيا چوڪري، هي امرتا جا پلَ.

جن ڏٺو، تن چيو نانگ جا وَٽَ هُيا،
جن ستو، تن ڪي پِهَٽُنُ پسايا اَجَلَ.

تنهنجو نمڪين مُک، ڇهريون عادتون.
پنهنجي اندر ۾ آهين ڪا منڙي ڪَتَلَ.

تنهنجا پاڪر تہ ڪيندا منهنجي روح کي،
ڏيک هڪڙي وچايا آهن منهنجا ٻَلَ.

موتئي جي ڪلي پاڻ آجو نہ رک.
ڪنهن سگهي ٻانهن سان چيلهہ هجنئي ٻَڌَلَ

جيءُ جڳ جڳ مٺي، تو تان واري وڃان.
تنهنجا ڪٽبا پيا عمر ساري اَنگلَ.

ڇڏ ڪنارو، هلي آ شهر جي اندر،
مان تو چاهيان تہ رهنئي ڪي ميڙا مَتَلَ.



ارتقا ڪان هٿيل منهنجو ابتو عمل.
مان ابد جو مسافر، پيو ڳوليان ازل.

ڳگهہ اونداه ۾ ٽيون شفق جون سڏون،
لوڪ سمجهي ويو آ ذهن ۾ خلل.

زندگي خواهشون خواهشون ئي رهي،
سوئي آخر ملي، عشق جيڪو اول.

هي عجب آ جو درياهہ ۾ وڻ ڇڏي،
تون بچڻ لئہ ٿو ڏسجين ڪکن هٿ وڌل.

ڪير پاڳن نپاڳن تي سوچي پلا،
درد آهي اسان ڪي ستيءَ ۾ پيل.

مان تنهنجي اختيارن جي حد ٿو گهران،
پاند آجو هجي يا پلئہ ۾ ٻڌل؟

جنهن تنهنجا خواب اکين ۾ سانڍي رکيا،
ڇا اجا تائين آ تنهنجي اک ۾ ڪيل؟

پيار ماڻ نہ ماڻ الڳ مسئلو،
نينهن نازڪ آ پر پو بہ رشتو اٽل.

منهنجي مرضي نہ پڇ، منهنجي مرضي اٿئي،
صبح جو جيئن اٿان، مينهن ڏسجي وٺل.

ڪوڙ سان سچ گڏي، شعر ٺاهيان پيو،
مان تہ ”مقصود“ هان، ناهيان ڪو سچل.

www.sindhsalamat.com

لهرون ڇهنديون نيٺ ڪنارو، تن سان پير پسائي وڃان.
سمنڊ صدين کان پياسو آهي، ان جي اُڃ اجهائي وڃان.

وقت ازل کان آهي سفر ۾، وقت گهمي ٿو، وقت ڦري ٿو،
وقت وڏو آ، تون بس هڪڙي مون سان رات ڪٽائي وڃان.

جيون بَن ۾ مان بَنواسي، جوڳي بنجي جو بہ پرايم،
چند گهڙين جي لاءِ ويهي سو، مون کان تون بہ پرائي وڃان.

مايا جو ڪو ڇيھ نہ آهي، مايا اپرمپار رهي آ،
تون بہ تہ مايا، تو لئہ ڳايل سارا گيت لڪائي وڃان.

پڙهي يار صحيفا اکيون، ڌؤر ڪندس مان پورو سارو،
پلڪن جون پوتليون ويڙهي، پنهنجا نيڻ چمائي وڃان.

منهنجي روح جو پرچڻ ناهي، تنهنجي دل جي پرچي آئي،
ڪنهن بہ بهاني آئون مياري، تون اکيون چلڪائي وڃان.

ڪيئن تہ وڃندين، ڪڏهن وڃندين، ڪهڙي ڳالھ جو بدلو وڃندين،
مون کي ڪو انياء ڪرڻ ڏي، مون کان پوءِ نيائي وڃان.

دور سنهرا هاڻ وري آ، ٿورو ڪو آسيس وٺڻ ڏي،
تنهنجي وچڻ جي ريت رهي آ، بيشڪ سا ورجائي وڃان.

نوٽ: شاعريءَ ۾ لفظن کي ڪٽائڻ ۽ وڌائڻ جا مثال عام ڳالھ آهن. ”انياء“ جي مقابلي ۾ ”نيائي“ لفظ آڻي سگهجي ٿو. هن جو هڪڙو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

سوا سچ، سائينس ۽ سونهن جي،
ڪروڙين قصا پر ڪُوَقتي ڪٿا.

(اوتون جوتون، صفحو 115)



ڦرٽا نہ گهرٽا.
پاهڻ نہ سرٽا.

جهڪندا پرينءَ کي،
ڇئبا نہ ڪرٽا.

پؤنرا ڦرن ٿا،
سي ڏات هرٽا.

جوين جا ڏينهڙا،
پيهر نہ ورٽا.

پاڇا ڊهن ٿا،
ماٿهو بہ مرٽا.

جيون ۾ آهن،
ڪجھ رنگ پرٽا.

ڏس وقت ويندڙ!
ڇو هَتّ ڌرٽا؟

”مقصود“ آهن،
ڪجھ ڪار ڪرٽا.

انگل آرا،
مون تي مارا.

ويران وير ٿيا،
وڏ اشارا.

سٽ سهن ڪيئن،
هئي مون پارا؟

نينهن ڪئي دل،
ڦنڌيون ڦارا،

ننڊ تياڳي،
ڳڻجن تارا.

دل تہ ڪٽي وئين،
او دل وارا.

مون وٽ بچيا،
ڪهڙا چارا؟



هر ڪنهن گهٽيءَ ۾ جي ڪٽي دارورسن ڪجي.
جيجل سان پو بہ جان ڏيڻ جو وچن ڪجي.

پل خواهشون تمام رهن ناتمام ٿي،
آزادين جي نانءَ تي تن کي دفن ڪجي.

ڪٽجي تہ عشق عشق ڪري سنڌ تي قلم،
پڙهجي تہ واه واه! سان پورو متن ڪجي.

ننگا ٿين تہ شال ڪو ڪنهن کي پوي شرم،
لفظن جو ڪنهن طرح سان ڪو وستر هِرَن ڪجي.

مٽيءَ لهوءَ جو ريج وٽو، سِرَّ پوکيو،
کهڙيءَ طرح بہ سنڌ کي باغِ عدن ڪجي.

"مقصود" حق شناس ٿجي ۽ جڏهن ٿجي،
ڌرتيءَ تان گهور گهور پنهنجي جان و تن ڪجي.

جُنگ جيئدارَ پڪاريو آ، وجان تو اوڏي.
ننگ – اوڀارَ پڪاريو آ، وجان تو اوڏي.

منهنجي شعرن جا پهاڻ قٽَّ لئہ اڪسير دوا،
ساري سنسارَ پڪاريو آ، وجان تو اوڏي.

هيءَ صدا ناهي ڊڪڻ لاءِ، اڏامڻ جي لئہ،
مون کي پولارَ پڪاريو آ، وجان تو اوڏي.

تي پري، شوق جي حد آهي، لتاڙيو ويندين،
اڄ وري دارَ پڪاريو آ، وجان تو اوڏي.

سچَّ جي هڪ ڪرڻ، منهنجو اساسو آهي،
گگهہ اندڪارَ پڪاريو آ، وجان تو اوڏي.

آئون بنياد ڪان آجي هان، اشارو گهرجي،
هڪڙي ديوارَ پڪاريو آ، وجان تو اوڏي.

فيض جي چند ڪڻن ساڻ شهر ورسايم،
خوش تي ڏاتارَ پڪاريو آ، وجان تو اوڏي.

منهنجو”مقصود“ نرالو ڏسي اسلوب مون کي،
پٽَّ جي دوارَ پڪاريو آ، وجان تو اوڏي.



جبل کي ٽڪڻ جو منجهہ حوصلو آ.
اڏامي سگهڻ جو اندر ولولو آ.

محبت ۾ سگهہ آهي، انڪار ناهي،
محبت جو جذبو يقينن پلو آ.

جي ليليٰ تہ مجنون، جي سسئي تہ پنهون،
ٻئي طرف ساڳيو رهيو چونچلو آ.

چمارون ڏئي آدمن جو پرايل،
اسان تائين پهتو اهو سلسلو آ.

اتي پاڳوندن سان ريسون تين ٿيون،
اتي بان ڪئيسين، اتي ڪم ڏلو آ.

وراٽيءَ جي رفتار ساڳي نہ آهي،
نيوٽن ٻڌائي تہ ڇا معاملو آ(1)؟

(1)نيوٽن جي حرڪت جي ٽئين قانون (Third law of motion) جو شاعراڻو استعمال.
فني لحاظ کان هيءَ بند ”اشاري“ جو مثال آهي.

www.sindhsalamat.com

نـنـگـي واس تـان واءُ جـو اوچـڻ گـهـر ۾ اڏري آيو آ.
يـار جـي آمـد، سـونـهـن جو منظر، سورج اُڀري آيو آ.

درياهن جا گسّ تا متجن، ڳالهه اچي ٿي سمجهه ۾ بيشڪ،
صدين کان بي آب پٽن ڏي، سمنڊ ڪو نڪري آيو آ!

درشن ٿيو تہ چپن تي مهرون! مون وانگر ئي حال هئس،
هن جو هانءُ بہ پل صراطون، شايد اُڪري آيو آ؟

مون تہ اڳي ئي يار چيو ٿي، پٿر ناهي، برف جو بت؛
پيـار جا ڪـرڻا پوندي مون وٽ، سارو وگهري آيو آ.

آڏيـن ۾ پائولـن وانگر، ميـڙڻ جـي مـشـغـولي ٿـي،
دلـبـر هيـل تـہ ريجـي وانـگـر، ڪـيـڏو وکري آيو آ؟



يـا تـہ سـڪـٽـو ڪوئي گهڙو هوندو.
يا تہ وچندو ڪتي چڙو هوندو.

ڪـيـئـن رکي قربتن جون اميدون،
يـار جنهن جو بہ بي وڙو هوندو.

بـونـد گهربي تہ منهنجي داتا کان،
وسـيـو مـون تـي وڏو ڳـڙو هـونـدو.

هـونـئـن تـہ آهـي صفا سـڌو ماڻهو،
اصـل مُـڙيـل مـئـو نـڙو هوندو(1)!

ٿـِـڙ نہ ٿاپڙج، مـان آهـيـان بيئل،
هيئن نہ چئجان تہ ڪو ڪڙو هوندو.

ڪنهن کي چکبو تہ ذائقو لهبو،
زهر ڪيڏو يلا ڪڙو هوندو؟

چئينس "مقصود" مان چڙو هوندس،
جـڏهـن مُـهـِـيَـنّ جو دڙو هوندو.

(1) هن بند ۾ صنعت تلميح جو استعمال ٿيل آهي. (2) ڪڙو = مٿيءَ جو جُنب

www.sindhsalamat.com

مخلصي، مفلسيءَ جي حالت ۾!
دوستي، بيوسيءَ جي حالت ۾!

پيڻ خوش هئي، ادو ڇميو آهي،
پر بہ نڪتو اديءَ جي حالت ۾!

ڪوڙ هڪ ٻئي سان ڳالهايون ٿا،
اڄ تہ مڃيون سچيءَ جي حالت ۾.

ٺهڪ ڏيندا ڪريو چرين وانگر،
وندري ويندؤ غميءَ جي حالت ۾.

ساڳيا لاٽون ۽ ساڳيا ڇگهہ هِن،
ڇا مٽيو نئين صديءَ جي حالت ۾.

تنهنجي ڪنڌ ۾ ڪِلي ڪٽل پانيان،
تون اچا پيي مڳيءَ جي حالت ۾.

ڏڪُ هڻ لوهہ ڪي، گرم آهي،
مڙندو اهڙيءَ تتيءَ جي حالت ۾.

وقت ڪنهن لاءِ ڪونہ بيٺو آ،
اڏري ويندين پکيءَ جي حالت ۾.

تيسين "مقصود" معجزو آهين،
جيسين تون زندگيءَ جي حالت ۾.



جيئن جيئن تو واسِي پئي، جوڀن جي خوشبوءِ.
وحشي من پاتي پئي، جهڙي آدم بوءِ.

پيٽئين پيٽئين پٽڪندڙ اکيون هِن آتيون،
سال، صديون ٿي گذريا، ڏسندي تنهنجو روءِ.

تو جو پير پڌاريا، بر ٿي ويو بازار،
موٽئين پنهنجي ماڳ ڏي، سوءِ ۾ ساري جوءِ!

هاڻ بهارون ڇو اچن؟ هاڻ نہ ايندينءَ تون!
سرءُ، سيارا موسمون، اونهاري جي لوءِ.

چنڊ اُجالا پاڻ مان، چنڊ چڙهي آيل،
اونداهو عالم گهري، ڪرڻا ڪوءِ بہ ڪوءِ

نوٽ: هن غزل جو بنياد عروض بدران سورٺا ڇند جي وزن تي رکيل آهي.

مست رهندو اچان، صبح سُرُ شام سُرُ.
ڪوئي من سان ڪري پيو اچا تائين چُرُ.

هيءُ سِرُ يار جي آ اُمانت رهيو،
جو ٻه چارڻ گهرڻ چاهين پيو مون کان گهُرُ.

توکي شاعر، تخيل جا پَرَ هِن مليل،
روحَ! پنڇيءَ جيان اڄ اُڏر، ٿيءُ ڦُرُ.

آئون متيءَ جو ماڻهو، پڇڻ ٿو گهران،
ٿيءُ ٿاندو پرين، منهنجي هِردي ۾ هُرُ.

آءُ سچ کي رکي ساهميءَ ۾ ڏسون،
پهرين مان ٿو تران، پو پلا تون ٻه ترُ.

ڪڏهن ”مقصود“ جِي مخلصيءَ کي ڏِسي،
سنگ جيئن پاسندڙ پُرپُري، تون ٻه پُرُ.



ڪڏهن جواز ڪٿن ٿا؟ ڪڏهن جواب ڪٿن؟
مان انتظار ۾ آهيان، ڪڏهن حجاب ڪٿن؟

گناه آهي اگر ڪنهن جي يادگيري رکڻ،
الله جاڻي ۽ آئون، پلي ثواب ڪٿن.

وهيون سنڀالي رکيون ٿئي، اڙي او واپاري!
هليو آ پاس پرين تون، ته ڪو حساب ڪٿن.

ڪٿي نه ڪير ٿئين! ڪنڊ ٿي ملان تو سان،
مٿاڻ رت ۾ ٿهي ٿي، پلي غُراب(1) ڪٿن.

هي دشتِ غم آ، رڳو ڌوڙ ۽ وسي واري،
حيات هيئن ٿي گذري، نه ٿا سراب ڪٿن.

مون کي ته سچ جي چؤڏار روز ڦرڻو آ،
پلي ته ڍنڍ ۾ هر روز پيا حباب ڪٿن.

(1) غُراب = غوراب، يعني جهاز. وزن درست رکڻ لاءِ شاعريءَ ۾ لفظ وڌائڻ يا ڪٽائڻ جا انيڪ مثال موجود آهن. هتي ٻه ساڳئي مقصد تحت ڏکهي سر کي ڇوٽي سر ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. هن سلسلي ۾ استاد بخاريءَ جو هڪڙو مثال ڏيڻ ڪافي ٿيندو:

لنگهيو مسيت جي سامهون ته مرحبا گونجي،
گهڙيو بـــــزار ته بـــازار دنبها ٿي وئي.
(نه ڪم نبريو، نه غم نبريو، استاد بخاري، صفحو 158)

ذات آهي مليل، پيو غزل واٽجي.
اڄُ ٻيجل کي سڏ، تندُ کي تاڻجي.

سونهن سرهاڻ، سرهاڻ، سرهاڻ آ،
سونهن، شاعرَ! سچو ڏينهن واڪاڻجي.

هڪڙي وينگس جي تر تي ويس موهجي،
ٻيءَ جي رخسار تي سو ڪٿان آڻجي؟

دوستي ناهي هيءَ، دلبري آ ميان،
دلبري ڪيئن ڀلا ڇندجي، ڇاڻجي!؟

تون هلي اچ تہ ڪا ڏَتَ پرولي گهڙيان،
او سگهڙِ! ڪا وراڻي ڪٽي ماڻجي.

ايم اي آهيان، پو بہ ايوين(1) رهيس،
اچ تہ تو کي ڇهي زندگي ڄاڻجي.

(1) ايوين= پنجابي ٻوليءَ جو لفظ، جنهن جو مطلب ٿيندو، ائين ئي، خالي، ڪورو.



قربتن سان ڪديل دائري مان ڏکي.
ڇو هميشہ جي لئہ ليڪ ڇڏيئي ڇڪي!؟

عشق ڦڙ ڦڙ ٿيو ڦٿڪائي دل کي ڇڏي،
ڍڪُ لهڻ بعد ٿي، مشڪ ڪاٿي لڪي؟

خوابُ ڏسيم تہ مون کي معبرؔ(1) چيو،
دل پڪي ڪر ميان، عمر ساري سڪي.

مون صدين بعد رستي تان ويندي ڏٺئي،
حالُ ڏسيم پئي رنگ تنهنجي ڦِڪي.

ڇَيُمُ، اڄ رات مهمانَ ويڙهي ٽپڙ،
ڪير بڪواس شعرن ٻڌڻ لئہ ٽڪي.

ڪو پتو ڏئي وڃين ها، هُئين جي يڪو،
توکي ڳوليو پئي، پٽيان تنهنجي ٻِڪي.

او مسيحا! وري اچ، وري اچ، وري،
ڦَٽُ ناسور آ، چاڪ منهنجو ڇڪي.

(1) معبرؔ= يعني خوابن جي تعبير ڪندڙ. سنڌيءَ ۾ هن لفظ جو ڪوبہ مناسب نعم البدل ڪونهي.

ڊيچوڙو ڏيري! عشق وڏو اسرار،
اَڌ تي جو اٽڪي، پهچي دريا پار!

جهونو اُپُّ جهريل، ڌرتيءَ تي آ گهورَ،
کير نديءَ جي وچ، هيءَ انوکي، مار!

ليکو چڪتو ٿئي، رهيل ڪاتو سوچ،
وهيون ڦاڙج پو، سڀ ڪجهه ٻيهر سار.

عيب ڪٺان ٿو مان، تنهنجا سڀ ثواب،
پاڻهي ٿو ڦرجان، ناهيان هرگز ٻار.

مايا آهين تون، مايا منهنجو ياڳ،
سڏڙيو ٿي سانئڻ، ڦاٿس تنهنجي چار.

پهتس تنهنجي در، گهرُّ گهُرائي هاڻ،
پرجان پاڪر ۾، هاڻ نه مون کي ٿار.

ڪنُسيئي ٿا ڪَن(1)، منهنجو جيئڻ تياڳ،
اوتون منهنجا من، مان بس تنهنجو يار.

(1)"ڪن ڪرڻ" محاورو آهي. جنهن جو مطلب آهي پاسو ڪرڻ. هتي هيءُ محاورو، تجنيس ناقص جو مثال پڻ پيش ڪري رهيو آهي.

(نوٽ: هي غزل ايڪيهه ماترڪ "چندراين چند" کي ابتو ڪري جوڙيل آهي. جنهن ۾ پهرئين ۽ ٽئين پد ۾ 10 ماترائون ۽ ٻئي ۽ چوٿين پد ۾ 11 ماترائون رکيل آهن. ابتو ڪرڻ جو مطلب آهي ته 10 ماترائي پد آخري ۾ هجي ها ۽ ان ۾ قافيو هجي ها، پر هن ۾ 11 ماترائي پد آخر ۾ رکي، ان ۾ قافيو رکيو ويو آهي. عروض مطابق هن جو وزن هن ريت بيهندو: فعلن فعلن فع، فعلن فعلن فا ع



امن جي امينن جو ڪڙڪاءُ گهٽ آ.
تڏهن ئي لٽيرن کي چرڪاءُ گهٽ آ.

سوا سير جنهن کي ٿي اڳ پوءِ ڦريا،
تونگر کي توريم، مون ڪان پاءُ گهٽ آ.

ڏکي ويل آئي ته سنگت نه پهتي،
مٿان پائرن ۾ به سرچاءُ گهٽ آ.

ٻليءَ شينهن پاڙهيو، جو ڪائڻ ٿي آيس،
خبر پئيس تڏهين ته هڪ داءُ گهٽ آ.

ڏِسي حادثن کي گهٽو خون ٿهڪي،
مگر ان جي ٿهڪي ۾ وَرجاءُ گهٽ آ.

مِرُن جي ڪنڌن کي مِرون ڪو نمائين،
مرگهه جي اڳيان تن جو ڊِرڪاءُ آ.

زمانو ڏکيو ٿئي، او "مقصود" شاعر،
لڳي ٿو جيئڻ سان تنهنجو چاءُ گهٽ آ.

نوٽ: چاءُ = چاهه لطيف سائينءَ جي بيتن ۾ به ان اچار جو استعمال ڪيل آهي. جيئن"چنيسر سين چاءُ، مٿان ڪا منڊ ڪري" (ڪنيات) "چُڪيءَ توسين چاءُ پاسي ۾ پيئي رڙهي" (حسيني)

جل ٿل سارا رستا ٿيا.
ڏسندڙ! جوالا جذبا ٿيا.

هاءِ حسينہ! اُيري پيا،
چنڊ ڪو وات ۾ وِسرا ٿيا.

نيٽن ڳالهہ ڪري ورتي،
دُوريان ادلا بدلا ٿيا.

مٿيءَ تنهنجا پير جهٽيا،
ڍنڍ ڪنارا ارها ٿيا.

پل جو ساٿ سڦل جيون،
صديون، وچڙيل لمحا ٿيا.

آئون غلط؛ گل ڪُليا هئا،
ٽڙيا، جڏهين ورڪا ٿيا(1).

وارن واس ڏنو تن کي،
موتيا تڏهين گجرا ٿيا.

ٿوري دير رهي ويندڙ!
منظر چاڻ تہ وڏوا ٿيا!

درشن، آٿت، امرت ۾؛
تنهائيءَ ۾ اڏما ٿيا.

سونهن جهٽي اک، پَڪ چاڻج،
منهنجا شعر بہ وهہ وا ٿيا.

(1) هن بند ۾ صنعت ايهام تناسب جو استعمال ٿيل آهي.



سُرياٽن ۾ سُر سُر سُر سُر، ڳالهہ هلي پئي.
هيءُ پکيئڙو ٽيندئي ڦُر ڦُر، ڳالهہ هلي پئي.

چور گهٽن جي چوري ڪئي آ، دل چورائي،
تون بہ متاثر، پو بہ سندس ڏر! ڳالهہ هلي پئي.

رات ستو هو شاعر مس مس، اک لڳيس جا،
خواب نہ بخشيو، شعر جي گُهر گُهر، ڳالهہ هلي پئي.

هن جي اک جي شرّ ڪٽي اتساهيو هوندو،
ڪير اَجائي، ڪيئن ڪندو چُر، ڳالهہ هلي پئي.

عشق مڃون ٿا هوش وڃائي وڃهندو آهي،
پو بہ گهٽي آ تنهنجي ڪُر ڪُر ڳالهہ هلي پئي.

يار بہ ملندو، پيار بہ ملندو، ڀاڳ هجي نہ تہ؛
ڦَٽَ تي چپٽي لوڻ جي ٻُر ٻُر، ڳالهہ هلي پئي.

بخت تو وڃائي وَٿ.
فهمَ! تي مٿيرو مَٿ.

زندگي شرم ٿوتي،
وقت راڪشس جو هَٿُ

دؤنسَ جهڙو ماڻهو چئي:
او وڏيرا! هَرَ سان نَٿُ!!

موت جي مهل ناهي،
ڏينهن ٿي تڏي تي سَٿُ.

ڇا ڪيوسين هڙ حاصل؟
ڪنهن ڪيو ڪڏهن آڪَٿُ؟

دور هرِ يزيدي آ،
ءِ جيئڻ آ اَگني پَٿُ.

وقت ڪان اڳي پوڙها،
جيءُ سان جواني جَٿُ.



ڪر "بلٽ ٽرينن" کي،
سارٿي تون پنهنجو رَٿُ.

(1) وٿ = موڙي، ملڪيت، عورت يا زال لاءِ استعمال ٿيندڙ ڪنايو (2) مٿيرو مٿ = مٿاهين ڪان ٻه مٿاهون، اوچي ڪان ٻه اوچو (3) راڪشس = هنديءَ ۾ راڪاس جو اُچار (4) دؤنس= ديو جي يوناني اُچار ديوس جو سنڌي تلفظ (5) نَٿُ = ڏڳي ڪي نڪ ۾ رسي وجهي هر سان ٽنبو آهي. ان جو مادو "نَٿَ" آهي. (6) اگني پَٿُ= باهه وارو رستو (7) جَٿُ=جوڙ ٻَڌُ (8) بلٽ ٽرين = زمين تي هلندڙ هن وقت سڀ ڪان تيز سواري (9) رَٿُ= ٻن ڦيٿن واري گهوڙي گاڏي، جنهن جو قديم زماني ڪان وٺي انگريزن جي دور تائين دنيا ۾ عام عروج هو.

(2)

اوٺـر جـي اٺـل آهـي کـو ”اِگـلـو“ ئي ڪٽي اَڏِ.
طـوفـان جـو ڏر آ تـہ پـلـي مـلـڪ منجهان لڏِ.

تون ڪـيـئن سـڏائـين پيو هن ديس جو پاڳيو؟
اکين سان ڏسـين پيو تـہ اٿـئي شهـرُ شهـرُ يَـڏِ.

سـوچـيـن ٿـو تـونـگـر تـہ بچـي ڪـيـئن بہ موڙِي!
مـون لاءِ تہ مِـٺـي بـہ وڏِي آهـي مـنـهـنجي مَـڏِ.

فـڪـرن جـو پـلا جـوشَ – جـوالي ۾ وجـي چا!؟
ڪـنـهـن تـوکـي چـيـو، گـند کي گلقند اندر گڏِ.

يـا سـونـهـن تـي سِـرُ وار ڪـرڻ لاءِ اٿـي پـئـہ،
يـا عـشـق جـي دعـوا جـي دلاور سـا پـچـر ڇَـڏِ.

او يـاءُ! امـڙ سـنـڌ رڳـي مـنـهـنـجـي تـہ نـاهـي،
ورنـاءِ پـڪـارن ڪـي، پـئـي تـوکـي سـڏي جَـڏِ.

ڪي ڪم ٿا ٿين هيئن تہ ٻي هٿَ – نہ پوي ڪَلَ،
ڪـو ڪـم تـو ٿـئي هـيـئن، ڪـري جـهـوم، پـلـي پَـڏِ.

هـلـنـدي تـہ تـنـهـنـجي پنڌ ۾ تو ساڻ مان هوندس،
۽ پـاڻ ٻـنـهـي سـاڻ ٿـيـون پـنـهـنـجـو خـدا گـڏِ.

نوٽ: برفاني علائقي ۾ رهندڙ اسڪيموز برف جا گهر اڏيندا آهن، جن کي اِگلو چيو ويندو آهي. پنهنجي علائقي ۾ اهڙا گهر اڏڻ جو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهجي. جدوجهد جي علامت لاءِ هتي استعاري طور ”اِگلو“ جو ذڪر ڪيل آهي، جنهن جو مطلب اهو آهي تہ جدوجهد جي مرحلي ۾ ڪمزور کان ڪمزور ڪوشش بہ لاپائتي ٿي سگهي ٿي ۽ ڪنهن بہ ڏکي حالت ۾ مايوسي ڪفر آهي.

دائرا ( )

پنهنجي هٿ ۾ پٽر کڻ ۽ ڳالهيون غور سان ٻُڌُ.
پاڻ سان ڪريا مون سا ڪر گهمسان پري ڪا يُڌُ.

وقت تو ٻوڙي، پاڻ ٽڪل هُون، بخت جو تنهن ۾ ڇا!
جاڳڻ کان پو پنڌ جي نيت، ڪم نہ ٻئي ۾ رُڌُ.

ماين کان پڇ ڪير ولوڙڻ سولو آهي ڇا؟
ڪلها ٽڙڪن، پوءِ ٿئي تو ڏار مکڻ ۽ ڏُڌُ.

عشق جو چرچو، واه جي دعوا، تنهنجي ڏرتي ماءُ!
عيد جا ڪپڙا پائي ذرا تون پاڻ مٽيءَ ۾ ڳُڌُ.

فهم فراست چاڻ سان ايندي، چاڻ وڏي شيءِ آ،
سنڌ جا ٻچڙا پوءِ نہ چئجان، ڪنهن نہ ڏني هئي سُڌُ.

پنهنجي هٿ ۾ پٽر کڻ ۽ ڳالهيون غور سان ٻُڌُ.
پاڻ سان ڪريا مون سا ڪر گهمسان پري ڪا يُڌُ.

ماڻهوءَ جي فطرت جو عيب لڪايل ڏس!
ڏوهہ سچو اَن جي داڻي تي آيل ڏس!

ڏاڏائيءَ جو ڏيهہ سچي تي راڄ آهي،
هوشياريءَ سان سچ کان رُخّ مٽايل ڏس!

راڄ ڏٽيءَ جو ڪاڏل قرضو ماڻهوءَ تي،
فردن تي هر روز ڪو انگ وڌايل ڏس!

ماڻهو ناهن، تاش جا پتا، جلسي ۾،
يڪو، ٻڪو، غلامُ هتي ڦهلايل ڏس!

پرمتڙئي ڪي سمجهائڻ سان چا ورندو،
ساڳئي ٻِرَ مان هر هر پاڻ ڏنگايل ڏس(1)!

جو ”مقصودُ“ ڏنو هوندئي همٿائيءَ سان،
ان جو ڪنڌ ٻہ ڪاٽي نيٺ جهڪايل ڏس!

(1) حضرت علي رضہ جو قول آهي تہ مومن ڪڏهن بہ ساڳئي ٻر مان ٻہ ڀيرا نہ ڏنگبو آهي.



عشق ۾ شهسواريون رهنديون.
ها تڏهن ئي قراريون رهنديون.

زندگي هونئن بہ هڪ تماشو آ،
ساده دل لئہ مداريون رهنديون.

چا ڪنهن جي قتل جو ارادو آ؟
جي هي اکيون خماريون رهنديون!

دير ٿيندئي تہ مير ٿي پوندي،
ڪيسين دليون اُجاريون رهنديون.

نار! تنهنجي رڳو ڪمي رهندي،
منهنجي ٻرسان بہ ناريون رهنديون.

ڄِت جوانيءَ جون بدن تي سنبتون جاڳيو پون.
اُت دلـيـون اڇرج ۾ پئجن، حيرتون جاڳيو پون.

حسن چڙهيو هيج سان، نمندا ويا نازڪ جسمَ،
ٿـيڻ لـئـہ بـلـوانَ؛ باري، رغـبـتـون جـاڳـيـو پـون.

عـشق نـاهـي، اوچـتـي جي مـار هـئـہ ڙي زندگي،
مَـنَ لئہ ماندا من، ڏسڻ سان چاهتون جاڳيو پون.

يـار اهـڙي شـيءِ آ جنهن جا پير ئي برڪت پريا،
بر ٿـيـن بـا غِ عـدن، ۽ جـنـتـون جـاڳـيـو پـــون.

هــٿ وڏائڻ ســان ســمـيـٽـڻ جي تـصـوّر مـاريـو،
او شـرم ڀـوٽــي! انـدر ۾ حــسـرتـون جـاڳيو پون.

ڏينهن ڪي جي رات چئي ۽ رات ڪي جي ڏينهن چئي،
سادڙو چئہ يا صدَق دل، سهمتون جاڳيو پـون.

ڏينهن جو سوچون؛ غفائون، رات جو جي اک لڳي!
هونئن اڳيان خاموش رهندڙ مورتون جاڳيو پون.

ڪنهن ڀڳي آرَس تہ منهنجي آلـسي اندر ڇيو[1]،



قرب جي معنيٰ ڪشالا، محنتون جاڳيو پون.

راهہ ڪان مـٽيس تہ ٽيڏي اک پرينءَ جي دَرَ – وڌم،
"چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪک"[2] جيئن، عادتون جاڳيو پون!

دل ڇيم، موٽين شهر ۾، هيل ڪو پيرو تہ پچ،
سات جي لـمـحن جي آڌرُ حجتون جاڳيو پون.

(1) آرس ۽ آلس، ساڳيو لفظ آهي ۽ ٻئي پڙهڻيون مروج آهن. هتي هاسيڪار ٻئي صورتون اختيار ڪيل آهن تہ جيئن هڪ تہ هڪ جهڙائي نہ رهي ۽ ٻيو تہ ٻوليءَ جا ٻئي لفظ استعمال ۾ آڻڻ جي ترغيب ملي.
(2)صنعت ضرب المثل جو استعمال

www.sindhsalamat.com

خيالن جا گس هِـن، سوالن جي وس جا.
سوالن جا گس هِـن، جوابن جي وس جا.

اکيـن مـان اُماوس جا پاڇا جي نڪـرن،
تہ آڪـاسَ رهـنـدا نظارن جي وس جا.

وڏيون همٿون ٽيون تہ ڏونگر بہ ڏڪندا،
مـتـان پـنڌ پانـئـيـن پـهـاڙن جي وس جا.

هـوائن کي بس يار! پنهنجي ڪـرڻ ڏي،
سرءَ ٿـي سـگـهـن ٿـا، بهارن جي وس جا.

سـرن کـي تـہ لُـٽـندين، مگر هاءِ سوچون!
اهي ڪـنـڌ ناهن، ڪٽارن جي وس جا.

گـنـاهـن جي پيري ۾ هـڪ حدّ رکجان،
ڇڏي چند رستا ڪـَفـارن جي وس جا.

اسـيــن پــاڻ آهـيــون، زمـانـا! سـدارت!
سيئي درد چاهيـون، قرارن جي وس جا.



سـٺـن وقتن جون ساريون يادگيريون ياد رکـٽيون هن.
بـرن وقـتـن ۾ دلـيـون درد پـريـون شـاد رکـٽيون هن.

روين کي سـڌو رکـبـو ۽ رجـحـانـن جي ٽِـڪَ پـڌبي،
سـچيون سوچون محبت منجهہ مادرزاد رکـٽيون هن.

طلب پنهنجي جڳهہ تي پر رسد ناهي تہ ڇا ٿي پيو،
رُٺـل يـارن جـي لـئـہ راهـون هـڙئـي آزاد رکـٽيون هن.

محبت ڪـهڙي دعويٰ آهي باقي سـرمـديءَ ڌاران!؟
جـيـاپـي جـون سـمـوريون حالتون برباد رکـٽيون هن.

تـڪلف تنهنجي عادت هئي، تڏهن”مقـصـود“ لوڙيوسين،
مِلَئِي جي وقت پَئِي “هيريل”، اکيون بيداد رکـٽيون هـن.

اجري مک تي جوڳن جون چوٽون(1)،
بـنـد سـمـاج ۾ ڏار ۾ ڦڙڦوٽون!

عـشـق! نياز ۾ نوڙت سان اُپريـو،
زاريءَ چاهيون يار سنديون جوٽون.

سونهن، ستائڻ تي هريل چڻبي،
اَٽِڪِـي پَـِئِـي پر پو بہ وٽي اوٽون!

قرب اٿئي قادر جي عطئي جيئن،
پال نہ دل ۾ پيار جي لئہ کوٽون.

جيون ناهي راند چڪي ساري،
پنهنجي وس ۾ سپ نہ رک ڳوٽون.

آءُ گهڙي پل،واس ڏيڻ جي ڪر،
اڄ سيان "مقصود" متان موٽون.

(1)جيئن لوهار هٿيار ٺپڻ لاءِ ان کي مترڪي جون چوٽون هڻندو آهي، تيئن قدرت حسن کي جوڳن جون چوٽون هڻي ٺکو ڪندي آهي.



سوجهرو، چهرو چپائيندو وتي![1]
ڏوجهرو، ڏاڍو تپائيندو وتي!

حسن هئي انڪار جي غلطي ڪئي،
عشق ڪان اکيون جهڪائيندو وتي!

ڀاڳ سان مون ريس ڪانهي ڪا رکي،
بخت مون سان هيئن ڦٽائيندو وتي!

نقش اجرا، عڪس ڏنڌلا چو پيا؟
وقت ويسر چو وڌائيندو وتي؟

شهر جي هر چوڪ تي جل–مشعلا!(2)
واءُ چو ڏيئو اجهائيندو وتي؟

توڙ تي پهچڻ جي لئہ ٽڪڙو هليس،
راهہَ جو ڦيرو رلائيندو وتي!

مان تہ سودائي مڙئي پٽڪان پيو،
لوڪ پنهنجي سر ڪنائيندو وتي!

سير آهيان، پر شرافت جو پلئہ:
پاءُ چا، ماسو نمائيندو وتي![3]

مان تہ تو لئہ ئي ڪيان پيو شاعري،
هيئن نہ چئہ: "ماڻهو ڪلائيندو وتي"!

(1) هيءُ لفظ لطيف سائينءَ بہ استعمال ڪيو آهي:
لاتيون جي لباس جون، سي چپائي چڏ،
آئون، اسين ڪن جي، پاسي ٽن مَ اڏ.
شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ بہ ان جا ڪافي مثال موجود آهن. جهڙوڪ:
چو وڃي ٻاڦين نہ ٿو هر ٻول ڪي؟
چو چُپايئہ راز تالي ۾ وڃي!
(2) جل – مشعلا يعني اسٽريٽ لائٽون
(3) "سير مٿان سوا سير" پهاڪو مشهور آهي. هتي ان جي ابتڙ ڳالهہ ڪئي وئي آهي.

زندگيءَ جي چاهنا بس چار گهڙيون چين جون.
وقت وڏيون عادتون پر يار خاطر سَين جون.

بادلن جا استعارا هاڻ ڪنهن ڪم جا نہ هِن،
درد تشبيهون گهري ٿو هاڻ گهاٽي رَين جون.

عشق اوساڻون ڏنيون، مون ڪَنَ ڪيايا ڪين ڪي،
ياڳ ڪان پانيم نشانيون، دلبرن جي ڏَين جون.

سونهن ڪي اکرن ۾ اٽڪائڻ جي ڪوشش پيو ڪريان،
مهربانيون شاعرن تي هِنِ پـنـي ۽ پين جون.

قرب جون ”مقصود“ جيڪي منزلون ٿپندو ويس،
راهہَ ۾ جيڪي مليون سي صورتون سڀ عينَ جون.



ڏول پري ٿي پاڻ مان، منهنجي ياد ڪدي!
تانگهي تَنهنجي دل ۾ منهنجي جاءِ ڪٿي!

منهنجا ڦٽ ڦروڙيون، آلا ئي آلا،
منهنجي هن ناسور تي، پها ڪير رکي!؟

اوچڻ منهنجي روح جو، پريم سندو پهراڻ،
تو جيئن چوري چيڳري، منهنجي نار هجي.

گهڙو ڪٽي گهيڙ تي، تون بہ تہ اچين شال،
جو تنهنجو ميهار ٿو، دريا پار رهي.

چرڪ پرائي چوڪري، ڪڏ نہ منهنجو ساهہ،
آءُ گهڙي ڪن آءُ تون، من ڪي ماٺ ملي.

انگ ازل جو هو سڪي! هيل نہ ٿيو آ هت،
هيءُ جنم هليو ويو، ٻئي ۾ ياڳ ڪُلي!

پير تنهنجا پوئتي ٿيا، موٽيا تو کان نہ ٿيا.
نيند ڏيندڙ نيڻَ ليڪن روڪيا تو کان نہ ٿيا.

مان پياسو، مون تہ چاهيو، منّ منهنجو تار ٿئي،
جامَ منهنجي جيئڙي ۾ اوتيا تو کان نہ ٿيا.

هي سڀ زنجير هئا، تو کي ڏنم، ٽوڙي ڇڏيئي!
ٻ وري اهڙا سڀ پوءِ جوڙيا تو کان نہ ٿيا.

تنهنجي در تي سين هٽندڙ وقت کان بيٺا رهيا،
در پٽي پنهنجي تڏي تي کوٺيا تو کان نہ ٿيا.

ساحرا! آندم کنول تو وٽ، مٿائي ڏين مون کي،
تنهنجو جادو بي اثر هو، موٽيا تو کان نہ ٿيا.

مون جهازن کي اچي ڪُن ۾ ٻيهاريو هو مگر!
حوصلو گهربل هو سائڻ! ٻوڙيا تو کان نہ ٿيا.

جنگ هارائڻ لئہ آندا، مون سپئي هٿيار ڪُند،
فتح جا جهنڊا تڏهن پي کوڙيا تو کان نہ ٿيا.

تنهنجي ليکي مون ڪئي پئي، ڪالهہ تو سان پارسي،
عرض هئا منهنجا سدا، پر سمجهيا تو کان نہ ٿيا.

تنهنجي ڇهري مان سڄي تنهنجي پئي حالت بکي،
ڌار ٿئين "مقصود" کان، رشتا مگر ٽوڙيا نہ ٿيا.



ڦِر ڦِر سونٽا، ڊيلي ڪانهي.
ڪڪرن ڪاڌل، ڊيلا آهن.

هٽڙي لوڪ تہ پڳلو آهي،
ڪانگ تڏهن ٿيا پڳلا آهن.

ڀهري جي لئہ چور بيهاري،
هاڻ لٽيرا سولا آهن.

نيٺ مِرونءَ کي لڄ اچي وئي،
ماڻهوءَ – ماڻهوءَ –حملا آهن.

جاتي پيار جي بدلي گهرجي(1)،
تاٿي نسلي بدلا آهن.

انسانن جو موت تماشو،
قتل نہ آهن، قتلا آهن!

ڌرتي ڪئي وئي ڪاري آهي،
مسلڻ کان پو، مُٿلا آهن.

نيٺ تڏهن "مقصود" لکيا هي،
سچ جا ڪؤڙا جملا آهن.

نوٽ: بدِلِي = هلڪو ڪڪر، رومانوي پسمنظر رکندڙ

ڪُن ۾ گهڙنديـنءَ، مانگر ايندئي.
بـن ۾ ڪـوڙ جـنـاور ايـنـدئـي.

شيشي جو گهر ڪيئن تي ٿاهين،
پـيـري آهـيـن، پٿـر ايـنـدئـي،

دنـيـا اوکي، مـنـڌ! تون نازڪ!
طرحين طرحين گوندر ايندئي.

وچڙي ويـنـديـنءَ ويل ۾ پونديـنءَ،
آڏو سـارا مـنـظـر ايـنـدئـي.

ڪـاپـي هـٿ ۾ دفـتـر ڳـورا،
هڪ نہ هـڪ ڏينهن دلبر ايندئي.

عـيـبـن هـاڻـي! ٿـيءُ نـمـاڻـي،
پـوءِ مـون پـارا اوڊِر ايـنـدئـي.



چنن، چنن، چنن، ڪنهن جي قربت سرور آ.
قربت وڏي آ ڳالهہ جو رغبت سرور آ.

آ عشق هر لحاظ کان حل طلب مامرو،
حل ئي نہ ٿو ڪپيم! جو حسرت سرور آ.

آڪاشُ بي ڪنار تڪيندي مون سوچيو،
هيڪل رهڻ جي هيرَ ۾ وحشت سرور آ.

ڪيڏي ڪروڌَ! تنهنجي اهنسا سان دشمني!
ڏيندِي مون کي ڌڪار سان نفرت سرور آ(1).

گهمندو تہ ڪر گهٽين ۾ ڪڏهن آرَسي پرين،
حرڪت مان جا ملي، اها برڪت سرور آ.

جوڀن ڏنو جو نينهنَ- نياپو قبول ڪر،
هر جاندار جي اها جبلت سرور آ.

پورهيو ڪندڙوجود مان نڪتل پگهر جو سُنهن!
هر مُڪ تڪيندي يار لئہ محنت سرور آ.

(1) هن بند ۾ صنعت تفريق جو استعمال ڪيل آهي

www.sindhsalamat.com

چهره شناس(1) ماڻهن، مُک تي نگاهہ ڦيري.
چاهت ڏني جا مون لئہ، قصو چڏيو نبيري.

آڻين جي ڳالهہ دل جي، پنهنجيءَ زبان تي تون،
ياڪر پريا مان توکي، ٻانهون پنهنجون ڊگهيري.

اتساهيس سليقي جا داستان ٻڌندي،
مون پاڻ کي آ تو لئہ چڏيو ڪٽي وکيري(2).

ايندين تہ يار منهنجو اندر ٺري بہ ويندو،
جلندو رکيو آ منهنجي جيءَ کي سدائين ڇيري.

تو بن سدائين جيون، اجڙيل رهيو آ سائڻ،
مايوس من کي پاتم، هر ڪنهن بهار ڀيري.

اي لاهريءَ جا مالڪ! ڪاڏي هليو وئين تون،
سک چين کي لٽيو آ، ڪنهن سمنڊ جي لٽيري(3).

"مقصود" تنهنجي ڳولا، ان لئہ ڪندو رهان ٿو،
سوگهو ڪِلو ڪُڏڻ لئہ، گهرجي هر هڪ وچيري.

(1)سنڌيءَ ۾ "چهره شناس" لفظ جو ڪوبہ مناسب نعم البدل ڪونهي. راشد مورائيءَ بہ ان جو هڪڙو فارسي نعم البدل پنهنجي شعر ۾ ڪتب آندو آهي.

ڏسي ظاهر لڳائن ٿا اندازا،
علمِ قيافہ جا ڄاڻهار ماڻهو.

(درد ۾ دلجوئي، راشد مورائي، صفحو 60)

(2) هن بند ۾ صنعت تضاد ايجابي جو استعمال ٿيل آهي

(3) هن بند ۾ ارغونن/ ترخانن جي دور ۾ لاهري بندر تي ڪيل پورچوگيزي ڦورن جي حملي کي استعاري طور استعمال ڪيو ويو آهي.



پلّ ملڻ جو هڪڙو هو، اوسيئڙي جي عمر وڏي.
عشق وچائي سرت سنديم، جوين رُتُ ۾ هوءَ پڏي!

ريجهي روح تہ باقي ڇا، رمز نہ ٿو سمجهڻ چاهي،
جسم توانو، ٻلوانو، نفسَ مچائي آهي پڏي!

مئلن تي الزام هٽي، جيئرن کي بدنام نہ ڪر،
سرمد! جوڙ ازلَ سان هو، پيس اُپيءَ جي اَڙ اَڏي،

عمر وڃڻ کان پهرين اچ، هيءُ مون کي سمجهائي وڃ،
آهي اَنا ۾ شر رکيل، مون نہ رکي؛ ڇا تو بہ ڇڏي؟

آءُ پکيئڙا منجر تي، ونشن جا تون پير ڪٽي،
مارڳ مارڳ ڇا معني؟ منزل ڪنهن جي ناهي مڏي!

گل "مقصود" گلابن جا، شعر تہ بث ڪتابن جا،
آچيندس احساس پري، رستي ۾ جي هوءَ گڏي.

ترديد ۾ تردّد! ياسيم ڪا ڳال(1) آهي.
باسين به ڪانهَ ٽي پرِ تنهنجو ڪمال آهي!

سر جو وڃڻ سهانگو، تيسين ڪو شعر ٻڌجي،
شاعر سان هئه وڇوڙا! ڪيڏي نه چال آهي.

هڪڙي خوشيءَ ڪارڻ سهبا هزار صدما،
موزون زندگيءَ جو اهڙو مثال آهي.

ول ول ٽي ويڙهجي وڃ، مان ول جو بار ڪٽندس،
پختو اندر آ منهنجو، جهڙو ديال آهي.

رڪجانءِ پنبڻين تي، پيرين گلاب چا لئه؟
مان پيش تنهنجي اڳيان، جهڙو به حال آهي.

"مقصود" تنهنجي آمد جو جڻ پسڻ پيو آ،
مون لئه گمان تنهنجو پڻ نيڪ فال آهي.

(1) ڳال= ڳالهه. "ر ۽ هه" جي صوتين ڪي ملائي "ل" جي وسرگ صورت ظاهر ڪئي ويندي هئي. جيڪا هاڻ معياري سنڌيءَ ۾ "لهه" جي وسرگ صورت سمجهي وڃي ٿي. پر اها ادبي محاوري ۾ زوريءَ قائم ڪيل صورت آهي. عوامي اچار مطابق سنڌ، بلوچستان ۽ ڪڇ ۾ "ڳال" لفظ اچاريو ويندو آهي ۽ اهو ئي درست آهي. سرائڪي سنڌي ۾ به ڳال، مُل (قيمت) وغيره لکبا آهن.

(2) ول ول = "ور ور" جو عوامي تلفظ، جيڪو معياري سنڌيءَ ۾ هاڻي بي قائده طور تي مروج آهي، پر سرائڪي سنڌيءَ ۾ باقائده مروج آهي. هن مصرع ۾ هن لفظ جو استعمال، تجنيس تام جو مثال آهي.



اُڪير دل ۾ ٿئي ٿي ۽ روح چڪبو آ.
حواس ڪمّ ڇڏيندا ته عشقُ سڏبو آ.

اڪيون ٽڏيون ٿيون ٿين، جيڪڏهن پرين ڏسجي،
۽ دل ٿري ته انهيءَ ڪي قرار چئبو آ.

فراق جنهن نه ڏٺو، عاشقيءَ مان چا چاڻي،
وصل جوءِ درد ڪان پوءِ ئي سواد چڪبو آ.

خيالَ! ٿورو سگهو ٿي، جنون بنجي وڃ،
تڙپ ڪان پوءِ ئي ڇَهرو غزل ڪو لکبو آ.

اڙي اَياڻ! ڦروڙين ڪي ڦٽ چوڻ وارا،
دلين جي زخم تي هرگز پهو نه رکبو آ.

سدا ملوڪ صنم جو نظيرُ پيش ٿئي،
تڏهن به هٿّ جي ڪٽبا ته يار گهربو آ.

جڏهن ڪو هجر جي حالت مان ٿو پچي نڪري،
تڏهن سو لوڪ جي آڏو مثال ٻڌبو آ.

انهن مان ٿيءُ نه "مقصود" جو وساري ڇڏين،
پرينءَ ڪي پنهنجي اندر ۾ رهائي ڇڏبو آ.

www.sindhsalamat.com

رهندو جيون دکي، درد جي چوندٻ ڪر.
هيءَ اٿئي زندگي، درد جي چوندٻ ڪر.

ڏات پنهنجي اجارڻ گهرين ٿو اگر،
حسرتن کي ڇهي، درد جي چوندٻ ڪر.

ظلمتن ۾ رهي وقت چڪجيو پوي،
پنهنجي دل کان پڇي، درد جي چوندٻ ڪر.

بي خودي! بي خودي!(1) آهي آٿت رڳو،
ڇڏ اِها بي خودي، درد جي چوندٻ ڪر.

ٿو زمانو تنهنجي حوصلي کي ڏسي،
ٿورو مرڪي کلي، درد جي چوندٻ ڪر.

جي خوشيءَ ۾ حياتي ٿي ڪٽجي سگهي،
پو ٻه ڄاڻي ٻجهي، درد جي چوندٻ ڪر.

ڪير سهندو پرينءَ کان وٿي وار جي،
قربتن لئه ڪُڏي، درد جي چوندٻ ڪر.

نيٺ "مقصود" هو انقلابن جيان،
تو سان ملندو اچي، درد جي چوندٻ ڪر.

(1)هن مصرع ۾ صنعت تڪرار جو استعمال ٿيل آهي.



چنڊ کي جيئن آرسيءَ ۾ آڻجي.
تيئن توکي زندگيءَ ۾ آڻجي.

ديپ جاري ۾ پيو ٻوساٽجي،
سوجهري کي وائکيءَ ۾ آڻجي.

فيصلا جيڪي لڪيل لڳندا آهن،
امر کي چو ٿو نهيءَ ۾ آڻجي.

ڏار ئي هججي مگر ٿي سامهون،
فاصلو اهڙيءَ وٿيءَ ۾ آڻجي.

ڪنهن ٻڌايو پئي ته چڪ ڪاڏي اٿس،
دل چيو، سهڻي! نديءَ ۾ آڻجي.

مان جبل وانگر ڪُتل بيٺو آهيان،
يار کي ڪنهن پَرُ دريءَ ۾ آڻجي.

عشق کي "مقصود" اوسر ٿي کپي،
حوصلي جو ٻج، ٻنيءَ ۾ آڻجي.

www.sindhsalamat.com

زندگيءَ ۾ ڪٿي رهنمائي رهي؟
پنهنجي منزل به ڪيڏي پرائي رهي!

پنڌ هلبو ته ٿاپڙبو، ڪربو به آ،
هن سفر ۾ سنوت، ٿيڙ ڪائي رهي!

هڪڙو شاعر جو ناصح ۽ مخلص به هو،
شهر وارن جي اُن سان چدائي رهي!

ٺوڪرن ۾ رکيو وقت ۽ حالتن،
تڏهن فطرت ۾ بيشڪ ڪڙائي رهي.

مان شهريار ناهيان، فقيري منش!
تنهنجي ڪاوڙ آ مون تي اجائي رهي.

او سڪل، ٽوٽ، ويران دل جا ڏٽي،
منهنجي اک ۾ سدائين ترائي رهي.

مان پريندس گهڙي ڪي اچا ڪيترو،
نيٺ اُٿلي پئي، جا پرائي رهي.

عيد تي جنهن کي دربار هٽي هئي،
هاءِ! محروم جلوه نمائي رهي.

پرمغز ڪنهن غزل تي ٿي تنهنجي هڪل!
منهنجي شعرن کان وڌ تنهنجي وائي رهي.



يادگيري ڪندي تو وساري ڇڏيو،
تنهنجي بيشڪ اها پي وڏائي رهي.

مان نڪمو، پنهنجي ڪرت جو ڪاريگر،
ياد "مقصود" منهنجي ڪمائي رهي.

نوٽ: 16 فيبروري 2015ع تي عبرت اخبار ۾ حبيب لغاري جي لکيل آرٽيڪل ۾ منهنجي هن غزل جو مقطع به قاضي مقصود گل رتيديري واري جي نالي سان منسوب ڪري ڇڏيو آهي.

www.sindhsalamat.com

تو نہ پيتو مگر خمارَ اٿئي.
زندگيءَ جا اهي ئي پارَ اٿئي.

سونهن، آڪاس جي بلندي آ،
عشق شهباز جي اڏارَ اٿئي.

يار جيتڻ جو ڏس پڇين ويٺو،
جيت جو راز صرف هارَ اٿئي.

چوطرف تون پرين مون کي پسندين،
جيڪڏهن دل اندر نهارَ اٿئي.

من کي ماندو نہ ڪر رڳو دلبر،
تنهنجي چوڌر منهنجا حصارَ اٿئي.

ساهہ جياپي جو ڪونهي محور،
منهنجي شعرن مٿان مدارَ اٿئي.



ڪٽجي ويندي عمر، عمر جو خير.
جهوريندم هي ڏکّ، تو سمجهيو غير.

تون تہ صناعيءَ جو شهڪار هئين،
ڪيئن اچي ويو تنهنجي اکين ۾ ڦير!؟

هاءِ هوائون پَنَ لوڏي لنگهيون،
مون سمجهيو، ڇڻ ڇمڪي تنهنجي پير.

آءُ مَٿائڻ منهنجي فطرت ڪي،
پيش ٿي پيارا ڪرّ زبر کي زير.

ساڙيندين تہ بہ خاڪ تنهنجي آڏو،
پوريندين تہ بہ آئون مٽيءَ جو ڍير.

مان "مقصود" وفائن جو عادي،
توکي چاهيندو ٻيو هيئن کو ڪير؟

## قطعا

اهي  ڪنڌ  اوچا  سدائين  رهن،
مٿن تي جنين سنڌي ٽوپيون هجن،
ڪلهن تي هجن اجرڪون اوڇيل،
پريان کان ئي سنڌي سڀاجھا لڳن.
***
امن  جي   روايت  جو  آهي  امين،
عجب گل ۽ گلزار  منهنجو چمن،
رهيو آهي  تهذيب جو  گهر  سدا،
ثقافت جي رنگن ۾  رڱيل وطن.
***
جنڊي  سھڻي، ڪاشي سھڻي، سنڌ ۾ ٺهندڙ ڪيس به سھڻو
پرت پريل  پهراڻ؛ سجيلن سنڌ  وارن  جو  ويس  به  سھڻو
قدرت  جيڪي رنگ وکيريا،  ٽوپيءَ اجرڪ منجھ ملن ٿا
تن  رنگن  سان پريل سارو،  منهنجو سنڌو ديس به  سھڻو
***
ڊسمبر  جي  مهيني ۾  متل آهي وڏي هلچل،
سموري قوم ڏيکاري رهي آهي ٻڌيءَ جو ٻل،
پڪا آهن سيئي ماڻهو  بلآخر  هن نتيجي تي،
ته آهي ايڪتا ۾ ئي  سمورن  مسئلن جو حل.
***
نهار جي  حد  تي سر، سرن تي رکيل هي  ٽوپيون،
ڪلهن تي اوڇيل هي اجرڪون اڄ وچن ڏين ٿيون،
جڏهن  به سنڌ  جي روايتن  تي  ڪڇي  ڪا  آڱر،
ڪفن ٻڌي  نڪربو  ۽ سسيون  ڪپائي  ڇڏبيون.
***

نوٽ: هي قطعا 2010ع ۾ ملهايل ڏهاڙي جي مناسبت سان لکيل آهن.



جيجل، منڙي ماءُ هڻڻ جي هام،
ورثو وٺندڙ جاگيرون انعام،
ڏرتي هڪڙي راڄ جا راڪا جام،
در در ڌڪيل سنڌ نه جهليل سام!
***
دهشت دماغ ڦيريو، هيسيل آ ڍور ڍنگر،
ماڻهوءَ جو ماڻهپي کان، اوڏو رهيو آ ننگر،
مُوڙي خرار پريل، سونيون سرون، جواهر،
وانجهيل رهيو آ باقي، تهذيب کان تونگر.
***
حالت جري، تضادَ طَلَبَ، سهمتي نه ڪر،
شاعر! انڌير آ ته ڏياٽيءَ جيئڻ ٻَر،
انسان معجزو آ ته پو معجزو رهي،
مٿيءَ منجهان ڦٽل ته نه آهي گجر بصر.
***
رنگ پريل جهان تنهنجو آ،
ذات جي دائري مان نڪري ڏس،
پنهنجي همٿ سان ڏار جبلن کي،
ٻئي ڪنهن جي آسري مان نڪري ڏس.
***
وجودن جون عمريون ڊگهيون ئي سهي،
سيئي نيٽ نابود آهي ميان،
نفيءَ جي نفيءَ سان رياضت مان سک،
عدم خود به موجود آهي ميان.
***

## قطعا

پنهنجو ناتو سگهو ٻڌڻ جي لئہ،
قرب واري مون کي زنجير بہ ڏي،
يا مون کي خوابُ نہ ڏيکار پرين،
يا وري خوابَ جي تعبير بہ ڏي.

***

خيالن ۾ وڏي چرپر، پيا ڪن عشق جي اوسر،
چون پيا دل کي ٽپندي ڪر، اڙي دلڙي ٻنيءَ جيئن ٻر،
فڪر هڪڙا اُڏامي ويا، نَوَن دل ۾ هنيا ديرا،
ڳهيلو ڳٽتين ورتل، اندر آهيم چڻ بازر.

***

ڪير ڪيڏو ڪٽي لڪائي ٿو،
حال، قصو سچو ٻڌائي ٿو،
پاڻ ٿيندو نہ آ تماشو ڪو،
عشق بي ساختہ نچائي ٿو..

***

منهن تي موڙو، اکيون ڪروڌ پريل،
پنهنجي نفرت کي هانوَ ۾ رکجان،
ٿورو احساس کي ڏي پنهنجائپ،
مون کي مارين تہ چانوَ ۾ رکجان.

***

محبت دل ۾، چا مطلب!؟ اها مستي اٿئي اهڙي،
ڏُکڻ تي دونهن ڪيندي آ، هجئي جي، ٻاق ٻاهر ڪر،
شيون فطرت تي هلنديون هِن، مان تنهنجي سامهون آهيان،
اگر تون آئينو آهين تہ منهنجو عڪس ظاهر ڪر.

***



روح کي جيڪا ڇُهي سا ڳالهہ ڪر،
گهر ڪري دل ۾ وڃي سا ڳالهہ ڪر،
ڪر پري جنهن جو هوائن ۾ پڌر،
جا عمل ۾ ٻي اچي سا ڳالهہ ڪر.

***

وقت مٽيو، وقت سان گڏ حالتون مٽجي ويون،
زندگيءَ جون ڪوڙ ساريون خواهشون مٽجي ويون،
ها مگر تنهنجي محبت ۾ نہ آئي ڪا ڪمي،
ٻيون سموريون زندگيءَ جون چاهتون مٽجي ويون.

***

نقش ڌندلا، عڪس گهرا ٿي ويا.
وقت لوئيو، جُهور چهرا ٿي ويا.
خوابِ غفلت مان اگر جاڳي ڏسين،
باغ بستان، سڀ صحرا ٿي ويا.

***

## ڇهه سٽو

محو ٿي، پيهجي، ٻڏي وڃجي.
ڪنهن کي ڏسجي تہ هن طرح ڏسجي.
عشق جي ڏوهہ آ تہ ڏوهي ٿي،
يار آڏو خطا ڪري اڇجي.
سڀ لٽائي فدا ڪري ڪنهن تان،
سونهن جو حق ادا ڪري ڇڏجي.

## متفرق بيت

جڏهن جڏهن مون، وڌو ونگ واسينگ سان،
تڏهن تڏهن تون، آئين منهنجي سامهون.
***
جڙ ڪان ڪٽيو جو، سلو سائو نہ ٿئي،
جڙ ڪان بنا جو رهيو، سڏجي بي پاڙيو،
جنهن جو بار رهيو، سدا ٻئي جي ڪنڌ تي.
***
هڪڙا ٿيا بادشاهہ هڪڙا ٿيا وزير،
ملڪ لٽيو جن ماڻهن، سڏيا سي امير،
ڏيئي لوڪَ لڪير، ڏاريان رهيا ڏار ٿي.
***
عقل ۽ عرفان جون، ڳالهيون آهن ڳچ،
ڪوڙن ڦيري ڪوڙ سان، ڪوڙ ڪمايو ڪچ،
سچن وٺي وچ، سچ پچايو پاڻ ڪي.
***

مَنُّ نہ ماتو جن جو، تن جنين جو طيش،
اڏري جن آڪاس ۾، وڏا هٿ هميش،
تنين سندو ديش، آهي هي سنسار سڀ.
***
مڙڻ موٽڻ چڻ مرڻ، اڳتي اڳتي ٿيءُ،
سِرُّ ڪپائي جيءُ، سرهو ٿي سماج ۾.
***
بوقلمون جادوگري، ڏيکائڻ جو ڏنڊ،
اڪّ وجهي آڪاس ۾ چتايان پيو چنڊ،
ناهي رات اماس جي، چوهي مڙهيل منڊ!؟
الا هي پاکنڊ، ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان ڪيو!
***
پِرهہَ پچاري ٿيءُ دست نہ جهلجان دهر جو،
پاڻان ماري جيءُ، جوت جلائي عام ۾.
***
هنسا سندي پيٽ ۾ وِجهي وَڏائِي،
تخم ۾ تڙپي تڏهن، لهوءَ سان آئِي،
بلي بلي! هاڪ ٿي، آزادي جائي،
سَرِجي وَڏي سُور سان، جڏهن سامائِي،
جوپن ۾ ڪاري ڪري، ڪُوڙن مارائي،
مرڻان پوءِ بہ مشعلون، چوڏس چٽائي،
ايڏي اجرائي، آهہ اهنسا اڪ ۾.
***
جادم پوٽا جُوءِ جا، وکون وڌايو،
اڇو اڇو راڄ ٿي، ميڙا مچايو،
ويڇا ڪٽايو، پائر ٻڄي پاڻ ۾.
***

سمن، سوڍن، سومرن، جتن منجھان جي،
ڪچين، ڪاٺياواڙين ۽ گجراتين کي،
عرب، ايرانن کان وٺي، پڻ پختونن ڏي،
ساري سنيهو ڏجان، ذات پروچن کي،
سنڌوءَ جو تن تي قرض رهيل آ آب جو.

***

سيئي ٿيو سجاڳ، سمان جت بلوچ،
پنهنجي پنهنجي سوچ، سنڌوءَ سان سلهاڙيو.

***

## متفرق بيت

تڙ تماچي ٿو سڏي، ڪينجهر سڏڪي ٿي،
نوريءَ ويندي ئي، ڪونہ نهاري ڪو هتي.

***

کهڙي پٿر مان، جوڙيان تنهنجي مورتي،
روح چڪيندڙ روپ ۽ اهڙو قد ڪٿان،
تو جيئن ڪين ڏسان، سونهن ڪٿي سنسار ۾.

***

او تون! اڄ تہ آڻ، جوتون منهنجي جيءُ ۾،
ڪانهي ڪابہ سياڻ، سونهن سُنگهڻ ڏي ساھ کي.

***

سَڌ نہ پانئي مور، چريا چاھ اٿئي اهو،
هو جو مون کان دور آ، ايندو نيٺ ضرور،
تيسين منهنجو پور، مون سان ساڻ رکيس ٿو.



***

ويٺو ويڙهيان سُٽُ، ٻيٺو ڪريان ٻاتڙيون،
هاڻ مصيبت ڪُٽُ، سَندا ساٽا ٿي ويا.

***

ريءُ خمر، نندا ڪڙا، پنبڻ پاهڻ ٽِين،
اکيون جي احساس سان، ڊِرڪائي ڊِرَ ڏِين،
محبوبن جي ماڳ ڪي، عاشق ڪين ڇَڏِين،
ائين جي وِرچِين، قرب محبت مهل تي.

***

اسان ڏٺي عشق ۾، ڪيڏي ڪرامت!
اوڏِي ٿئي ميهار کي، اهڙي عبادت!
دهشت دم درياھ جي، ساريئين سعادت!
لهرن لوڙهڻ جي ڪئي، سهڻيءَ صراحت!
ترندي پڳي تار ۾، هئي ڙي رياضت،
الف علامت، ساڻس رهي سير ۾.

****

ويسر ڪيو ويسرو، وسريو جڳ جهان،
هڪڙو ئي انسان، سوچن ۾ اڀريو اچي.

***

ساجن سڀ چمار، توکي ساري ساريم،
پورائيءَ ۾ پلجي، متان ڏينم ميار،
توکان ٿيندي ڏار، سک نہ پانيم ڪڏهين.

***

رستو رستو گُلّ، سجيل سارا پيچرا،
پير رکي ٿي پدمٽي، واسُ وٽن ٿا قُلّ،
هٻڪارن جا هُلّ، چوڏس جڻ پئجي ويا.

***

مينهن وسندي مون، ڏات پني ڏاتر ڳنان،
پُسيو پٽ پاڻيءَ سان، من ورتيون مستيون،
جي مون پر ۾ تون، ڪيئن نہ ٽلندس مور جيئن.

***

## سسئيءَ بابت ڪجهہ بيت

سسئي ٿي ساري، درد منجهان دانهون ڪري،
هانءُ نہ ٿي هاري، اجا هلڻ حوصلو.

****

جوڙيندڙ ڪي جس، پربت جنهن وچائيا،
سسئيءَ ڪي تنهن ڪان گهٽي، اجا ئي شابس،
جن مان ڪري گس، هلندي رهي هيڪلي.

****

پنهونءَ پڪاريو، منهنجي من آهي ٻڌو،
نيڻن نهاريو، اندر منهنجي اونهو.

****

سڪ وهيڻي سسئي، وچوڙي ويئي،
ڏاريا هئا ڪين ڪي، پنهنجن مان ڪيئي،
پنهونءَ ڪي نيئي، داغ ڏئي ويا دک جو.

****

جيڏو تون اڻ ڄاڻ، تو لئہ پيڙا اوتري،
روحَ اٿي رڻ واس ڪر، ٻَنواسي ٻڻ پاڻ،
سوچي پاڻ سڃاڻ، تنهنجو انگ ازلَّ سان.

****

روحُ اصل ۾ رَند، ٻُتَ ڄڻ ٻي پاڙيون ولون،
ٻڌجي هڪڙي جند، سور ٻنهي لئہ سرس ٿيا.

****



## دوها

پاروٿو ڏک، درد نئون ڏي، وندر ڪانهي ووءِ!
سچيءَ دل سان، يارَ ڪڏهن پِي، عشق نہ ڪنهن کي هوءِ.

****

ڳاڙها گلڙا، اڄ ٻہ انهن ئي واٽن تي ولهارُ
جاٽئون لنگهندو هو ڪنهن ويلي منهنجو منٺو يارُ.

****

ورهہ وڇوڙو، لمبو چوڙو، جهڙو ڪو سائر،
اڏري پهچان تو وٽ جيڪر، آءٌ هجان طائر.

****

ڪنوڻن جا ڪڙڪاٽ ٿيا ها، اڄ سوڌو پڙلاءُ،
وَرُ وَرُ سڀ وڇوڙي وارا، منظر ٿيا ورجاءُ.

****

سسئيءَ سان ڪو جوڙ تہ ناهي، پر جُتيءَ ۾ پير،
هن ڪي ڏيرن ڏک رسايو، مون کي ماضيءَ گهير!

****

ننڍڙي دل کي رول نہ سائڻ! ٿي وڃ منهنجي ميت،
دل ۾ وسندڙ دنيا آهي، ٻنجي وڃ جڳ جيت.

****

www.sindhsalamat.com

## گيت

ڏينهن جي هر منظر ترڙپايو – پو ٻہ نہ آئين، پو ٻہ نہ آئين.
رات پکيڙيو پنهنجو سايو – پو ٻہ نہ آئين، پو ٻہ نہ آئين.
خواب اکين ۾ اٿندي رهيس،
رنگ رليءَ ۾ وجهندي رهيس،
هر هر در ڏي ڏسندي رهيس،
اوسيئڙي تي هانءُ جلايو – پو ٻہ نہ آئين، پو ٻہ نہ آئين.
ساجهر هڪڙي ڪار ڪئي ٿي،
ٻنپهرن ٻي ڪار ڪئي ٿي،
رات وري ٽي ڪار ڪئي ٿي،
مون ٿي پنهنجو وقت ڪٽايو – پو ٻہ نہ آئين، پو ٻہ نہ آئين.
منهنجي در جي چانٺ جهلي مان،
ويٺي آهيان ويڳاڻن جان،
ماڻهن جي آ تاڙ پري ڪان،
توکي هوندو ڪنهن تہ ٻڌايو– پو ٻہ نہ آئين، پو ٻہ نہ آئين.
سازندن جا ساز ٻہ سر ۾،
راڳين جا آواز ٻہ سر ۾،
داد ڀريا انداز ٻہ سر ۾،
نيٺ سين ٿي راڙو ڳايو – پو ٻہ نہ آئين، پو ٻہ نہ آئين.



## نوري ڄام تماچي

نوري: ڄار هو منهنجي مقدّر ۾ ڪکيون ۽ ڪارا.
منهنجي دنيا رهيا ڪينجهر جا ڪنارا سارا.

❋❋❋❋

نوري: مون نہ ٿي ڄاتو تہ هي پٽ پٽيهر ڇا هِن،
مون تہ پوشاڪ ۾ ڀاڀوڙا ئي پاتا آهن،
مون کي هي عيش ڪڏهن راس پيا ئي ناهن،
ڄام ڦيرائي منهنجي ڀاڳ جي هڪدم ڌارا.
ڄار هو منهنجي مقدّر ۾ ڪکيون ۽ ڪارا.
منهنجي دنيا رهيا ڪينجهر جا ڪنارا سارا.

❋❋❋❋

ڄام: مان سمون ڄام، دعائن سان ٿيل سوڀارو،
منهنجي اخلاص ڪيو آهي مون کي راڄارو،
تنهنجي نوڙت جي اڳيان پاڻ آهيان ويچارو،
نينهن جا روز نوان مون تي ٿين وسڪارا.
دل جي بستيءَ ۾ رهيا تو کان سوا انڌيارا،
منهنجي جيون ۾ ڪيا تنهنجي اچڻ چمڪارا.

❋❋❋❋

نوري: منهنجو عيبن سان ڀريل پانڌ اجاريو راڄا،
مون کي محلن ۾ وٺي پاڻ ويهاريو راڄا،
پٽ راڻين سان اچي ساڻ ٻيهاريو راڄا،
مان پنهنجو اصل سڃاڻان ٿي، ڪريان ڪيئن آرا.
ڄار هو منهنجي مقدّر ۾ ڪکيون ۽ ڪارا.
منهنجي دنيا رهيا ڪينجهر جا ڪنارا سارا.

❋❋❋❋

ڄام: نياز نوڙت ۾ ٻڌل يار جو ونهنوار وٽيو،

www.sindhsalamat.com

راوَ جي دل کي سپاجهو تنهنجو ڪردار وڏيو،
دل جي دنيا جي مٿان تخت جو حقدار وڏيو،
اڄ ڪان پوءِ چئبا سمان ڪوڏ تي هرڪڻ وارا.
دل جي بستيءَ ۾ رهيا تو ڪان سوا انڌيارا،
منهنجي جيون ۾ ڪيا تنهنجي اڇڻ چمڪارا.

❋❋❋❋

نوري: جيڏيون ڏَسيو ڪو مون کي ڄام تماچيءَ جهڙو؟
ڪنهن جو آ ظرف منهنجي محب مجازيءَ جهڙو؟
آهي ڪو مَٽ سچيءَ سنڌ ۾ آريءَ جهڙو؟
جنهن مهاڻيءَ جي ڪري پاڻ اُڇاليا ڄارا.
ڄار هو منهنجي مقدّر ۾ ڪکيون ۽ ڪارا.
منهنجي دنيا رهيا ڪينجهر جا ڪنارا سارا.

❋❋❋❋

ڄام: تخت اڄ آهي، سپاٽي نه اسان وٽ هوندو،
سونهن مٿجي به وئي، پوءِ به چرچو رهندو،
منهنجي لئه هيءُ مهانگو ته نه سودو ٿيندو،
توسان هٿ هٿ ۾ ڏئي محب ڪجن ملهارا.
دل جي بستيءَ ۾ رهيا تو ڪان سوا انڌيارا،
منهنجي جيون ۾ ڪيا تنهنجي اڇڻ چمڪارا.

❋❋❋❋

نوري: آئون نوري ٿي سڏايان، آئون ناري آهيان،
۽ ڄيرن جي جهڳن ۾ وڏي چڙهي آهيان،
ڄام جي پلئه پئي محل ۾ پهتي آهيان،
ڄام مون لاءِ سڪندر آهي، مون لئه دارا.
ڄار هو منهنجي مقدّر ۾ ڪکيون ۽ ڪارا.
منهنجي دنيا رهيا ڪينجهر جا ڪنارا سارا.

❋❋❋❋



## وائي

ڇهڪن، پهڪن، چار ڏسا ۾ جن جا گس ۽ گام –
الا وو! جر تي پکي ڄام
ڪينجهر، منڇر، سپ ڪنارا، تن تي آيا سام –
الا وو! جر تي پکي ڄام
ٽڪجي ٿجي ساهه پٽيندي، جهولن وڻ جي لام –
الا وو! جر تي پکي ڄام
هيڏا سارا روپ انهن جا، ڪهڙا رکبا نام –
الا وو! جر تي پکي ڄام
هِتّ اچي تون هَڻّ نه ماري، اَنّ چٽيندي دام –
الا وو! جر تي پکي ڄام
جيون هڪڙو رؤنشو آهي، پيچ پرولي مام –
الا وو! جر تي پکي ڄام

## سنڌي ٽوپي

ٽِڪن واري ٽوپي، پريل پرت واري.
سڃاڻپ سنڌين جي، سٺي سهڻي پياري.
***
سنڌي جنهن کي پنهنجي مٿي تي سجائن
بلوچن، سراين جي سر تي به آهن،
اِها ٽوپي پختون پائر به پائن،
مٿن کي ڍڪي سنڌي ٽوپي سونهاري.
***
اِها سرت ساڃاهه وندن جي ٽوپي،
سپوتن ۽ ڌرتيءَ جي ٻچڙن جي ٽوپي،
نندين جي ٽوپي، وڏين جي ٽوپي،
جي اجرڪ سان اوڍيون ته ويتر قراري.
***
اسان لئه ثقافت جو اهڃاڻ ٻٽيل،
منجهس قدرتي آ وڏو شان رکيل،
نمازين جي لئه هن ۾ محراب ٺهيل،
ڏسون جنهن ٻه رخ سان ته آهي پلاري.
***
سنڌي ٽوپي پائي کو ميڙو مچايون،
ڪلهن تي پنهنجي سهڻي اجرڪ سجايون،
هي پيغام "مقصود" گهر گهر پڄايون،
ثقافت جي ڏينهن جي ڪريون ڪا تياري
***



## نظم

"گليمر" جي دنيا مان نڪري ڏسو،
مزو سادگيءَ ۾ وڏو آ وڏو.
*****
هي بيمار ذهنن کي فيشن جي مارَ
هي مهنگا شرارا، هي زيورَ ۽ هارَ
هي ميڪ اَپ جو سامان، قسمين هزارَ
انهيءَ کان پلا پنهنجا سورهن سينگارَ
تنين جو نه مٽ ڪو، نه ئي جوڙ ڪو،
شين جو حسن آ "اصل" سچ پڇو.
"گليمر" جي دنيا مان نڪري ڏسو،
مزو سادگيءَ ۾ وڏو آ وڏو.
*****
"ڪميشن" جي ڪلچر تي دنيا هلي،
لنگهي شيءِ گهٽن ئي هٿن مان اچي،
سُئي ۽ سڳي تائين "امپورٽ" ٿئي،
وري "پوش شاپن" تي مهنگي ملي،
سو هرڪيو پوي ٿو، ڏسي جو به ٿو،
اهو آ سچو ڪمّ ڏيکاءَ جو.
"گليمر" جي دنيا مان نڪري ڏسو،
مزو سادگيءَ ۾ وڏو آ وڏو.
*****
ضروري شين جو قدر هو اڳي،
مگر هاڻ هر "لگزري" ٿي ڪپي،
پگهارون ڪٽي "لون"، پورت ڪجي،
پلي پوءِ ڪئين سال پيو لوڙهجي،

گڏهه جيئن ڪم ۾ ئي رهبو لڳو،
صبح نڪربو، رات جو موٽبو.
”گليمر“ جي دنيا مان نڪري ڏسو،
مزو سادگيءَ ۾ وڏو آ وڏو.
*****
اسان ڪير وڪٽي پڪوڙا وٺون،
مينهون هوندي سوندي مکڻ لئہ سڪون،
بهانو ”ڪولسٽر“ و ڏڻ جو اٿئون،
متان دل جي دوري ۾ هليا وڃون!
اهو آ طبيبن اسان کي ڏسيو،
وڏن جو مگر هيءُ گس ڪونہ هو.
”گليمر“ جي دنيا مان نڪري ڏسو،
مزو سادگيءَ ۾ وڏو آ وڏو.
*****
اگر سوڙهہ ۾ پير پنهنجا رکون،
ڪڏهن ڪنهن جي اڳيان نہ هٿ کي ٽنگيون،
ڪٽي پيٽ، ٻارن کي تعليم ڏيون،
اها سوچ رکجي جي ”مقصود“ پو،
تہ نقشو بدلجي وڃي سنڌ جو.
”گليمر“ جي دنيا مان نڪري ڏسو،
مزو سادگيءَ ۾ وڏو آ وڏو.
*****



## آزاد نظم

ڪنهن علامت نگار تاهي آ
ڪائي تصوير جنهن ۾ رنگ نہ آ
رات منظر تي ايتري حاوي
ڪوئي تارو تہ ڪوئي چنڊ نہ آ
ڪو بيابان آهي، ڪي توهر
جنهن جي سيني مٿان ڦٽل آهن
ڪائي پوڙهي آ، جنهن جا وار ڪليل
جنهن کي ليڙون لٽا پيل آهن
۽ پريشانين جون ريکائون
ان جي چهري تي ڪوڙ ٽيون ڏسجن
هوءَ ٿڪل آهي
هوءَ پياسي آ
جو سڪل چپ سندس ٻڌائن پيا
ياس منظر سڄي تي حاوي آ
ها مگر هڪ اميد جو ڪرڻو
هڪ پاسي ڪو ٽيٽمڪڙو آ
جنهن جي پٺيان لڳي پئي آهي
هن جي پيرن جي زخم ڳالهايو
هن جي پيرن جي زخم سمجهايو
ڊوڙ مون سان اچي تون پائي اٿي
منزلون پاڻ ايندين ناهن
پنڌ کي پنڌ سان ڪٽاءِ اٿي
ات تہ ڏسجي ڪو ولولو آهي!
۽ هلڻ جو ڪو حوصلو آهي!
هوءَ عورت بہ سنڌ هئي شايد
جنهن پڇيو تي
ڪو سرڦريو آهي؟

## آزاد نظم

اهي اکيون
تنهنجي مُکَ جا اهي نقشا
منهنجي دل گدگدائن ٿا
۽ تنهنجا زلف
چڻ آڪاس تي ڪڪرن جيان پکڙيل
عجب منظر پسائن ٿا
قد وقامت، حسين پيڪر جي ڪهڙي ڳالهه ڪريان مان
تنهنجو انداز پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيئن چٽيان مان
گهڻو سوچيندو آهيان مان
پنهنجي منهن مسڪرائيندي
انهن لمحن ۾ تو بابت
جڏهن مان مسئلن ۽ مشڪلن کان ڪجهه فراري ٿي
ٻه ٽي لمحا گذارڻ چاهيندو آهيان.



## آزاد نظم

پرم احسان آهي هڪ:
چڙهيل وشواس – ڪلهن تي
اگر اڳلي جي اندر ۾
شرم هوندو
رهي ويندو
ڪوئي جي بي شرم نڪتو
پرم سارو ٽٽي پوندو.

www.sindhsalamat.com